سال (18) خميس 13 نومبر 2025ع 21 جمادي الاول 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (53)

ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 13 نومبر 2025ع 21 جمادي الاول 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (90)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Thursday 13th November 2025
Daily Ibrat Hyderabad Thursday 13th November 2025

قومي اسيمبلي مان به 27هين آئيني ترميم جي منظوري، مخالف ڌر جو احتجاج، ڪاپيون ڦاڙي ڇڏيون

قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو، اپوزيشن قومي اسيمبلي اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو

اجلاس دوران قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ 27هين آئيني ترميم جي منظوري لاءِ رٽ پيش ڪئي، چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه شڪ شبها هئا: وزير قانون

اهو لکيل هو ته جيڪو موسٽ سينيئر هوندو اهو ڪميشن جي چيئر ڪندو، واضع ٿي ويو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس هوندو، ان کانپوءِ 27هين آئيني ترميم تي شق وار ووٽنگ ڪئي وئي

سمورين 59 شقن منظور ڪيون ويون. ترميم جي حمايت ۾ 233 ميمبرن ووٽ ڏنو، مخالفت ۾ 4 ووٽ آيا، جمعيت علماءِ اسلام مخالفت ۾ ووٽ ڏنو، پي ٽي آءِ جي ميمبرن جو سخت احتجاج

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو اپوزيشن قومي اسيمبلي اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو جڏهن ته اپوزيشن قومي اسيمبلي اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو اجلاس دوران بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ اڳوڻو وزيراعظم ميان محمد نواز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ آهن

ميثاق جمهوريت جي اڌورن واعدن کي پورو ڪيو پيو وڃي، ڪنهن جو پيءُ به 18هين ترميم کي ختم نٿو ڪري سگهي: بلاول ڀٽو

18هين آئيني ترميم، سان پاڪستان ۾ عليحدگي پسندي جي سياست جو خاتمو ڪيو ويو، دهشتگردن خلاف گڏجي مقابلو ڪرڻو پوندو، آئيني عدالت جو قيام اسان جي تاريخي ڪاميابي آهي: بلاول

پاڪستان جي فوج، سياستدان، سول سوسائٽي ۽ عوام ڀارت جنگ ۾ به دهشتگردن کي شڪست ڏني ۽ مستقبل ۾ پڻ شڪست ڏينديسين، پاڪ فوج ۽ عوام اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي

فيلڊ مارشل ۽ پاڪ فوج کي دنيا ۾ ساراهيو پيو وڃي، اسان مودي سرڪار کي عبرتناڪ شڪست ڏني، ڀارت کي اها شڪست دنيا ۾ پاڪستان جي نئين سڃاڻپ بڻجي وئي آهي

آئيني بينچ جي ترميم ۾ پي ٽي آءِ جا خدشا به شامل، مولانا فضل الرحمان ووٽ ڏئي رهيو هو ته هن پي ٽي آءِ کان اجازت گهري هئي، پي ٽي آءِ اسان آڏو مولانا کي ووٽ ڏيڻ جي اجازت ڏني هئي

ڪنهن به ترميم يا قانونسازي جي طاقت اها نه هوندي آهي ته اها ڪيتري وڏي اڪثريت سان منظور ٿئي ٿي، قانون سازيءَ جي طاقت ان تعلق رائي سان هوندي آهي، دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين

سنڌ ۾ جيڪو مڪاني نظام موجود آهي ان ۾ مقامي حڪومت کي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اختيار ڏنا ويا آهن، ڏکڻ پنجاب تي اتفاق راءِ موجود آهي، ان تي اڳتي وڌي سگهجي ٿو ته اسان کي خوشي ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) آئيني بينچ جي ترميم ۾ پي ٽي آءِ جي خدشن کي به شامل ڪيو ويو هو جڏهن مولانا فضل الرحمان ووٽ ڏئي رهيو هو ته هن پي ٽي آءِ کان اجازت گهري هئي، پي ٽي آءِ اسان آڏو مولانا کي ووٽ ڏيڻ جي اجازت ڏني هئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اچڪزئي ستاويهين آئيني ترميم واري بل جي ڪاپي ڦاڙي ڇڏي

ترميمن جو حصو نه بڻجنداسين، واڪ آئوٽ ۽ احتجاج به ڪنداسين: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وانا ڪيڊٽ ڪاليج تي حملي ۾ ملوث آپگهاتي بمبار سميت سمورا 5 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگرد ڌماڪيدار مواد سان ڀيل گاڏي ڪاليج جي مُک دروازي سان ٽڪرائي تعليمي ادارا ۾ داخل ٿي ويا هئا

ڪاليج جي عمارت ۾ تلاشي جو عمل اڃان تائين جاري آهي، چو ته اتي بارودي سرنگن جا خطرا موجود آهن: آءِ ايس پي آر

اهو واقعو پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول تي 2014 جي حملي کان به وڏو سانحو بڻجي سگهيو ٿي پر دهشتگردن کي ناڪام بڻايو

راولپنڊي (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي ڏکڻ وزيرستان جي تعلقي وانا ۾ ڪيڊٽ ڪاليج تي حملو ڪندڙ آپگهاتي بمبار سميت سمورا 5 خوارج سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران مارجي ويا. آءِ ايس پي آر بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان فلپين جي اڳوڻي صدر گلوريا ميڪاپاگل ملاقات ڪري رهي آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان بيلاروس جي اڳوڻي پرڏيهي وزير سرگئي ايلينڪ جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف جو شاندار استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ستاويهين آئيني ترميم جو مقصد گورننس ۽ انصاف جي فراهمي آهي: عطاءُ الله تارڙ

مُخالف ڌر پنهنجي يادداشت وڃائي چڪي آهي، انهن جون سموريون حالتون ۽ واقعا 2022ع کان پنتي نه ٿا وڃن

وانا ۾ 500 کان وڌيڪ ڪيڊٽس جي حفاظت سان بازياب ڪرايو آهي، اسان جي مُخالف ڌر رڳو ٽڪ ٽاڪ، يوٽيوب ۽ فيس بڪ جي سياست ڪري رهي آهي

ڪاش اسان کي سياسي مُخالف ڌر ملي ها، انهن جي سوچ 2020ع کان اڳتي نه ٿي وڃي، اسان سمجهائيندا هئاسين ته سياسي مخالفت کي دشمني ۾ نه بدلايو

پي ٽي آءِ جي اندر ڪيترائي ڌڙا آهن پنهنجي دور ۾ اهي اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل نظرايندا هئا ۽ حڪمرانن جا قصيدا پڙهندا هئا

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم جو مقصد گورننس ۽ انصاف جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي اهو ڪيترن ئي ڏهاڪن جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ آپريشن تي هر لمحي نظر رکي

قوم جا معمار اسان جو سرمايو آهن، سندن تحفظ يقيني بڻايو: فيلڊ مارشل جي هدايت

سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪري خوارجين جي ان حملي ۽ ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

هڪ آپگهاتي حملي آور ڌماڪو ڪيو جڏهن ته ٻين خوارجين گيٽ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي: آپريشن ڪمانڊر

رات 10 کان ساڍي 10 وڳي ويجهو خوارجين خلاف ڀرپور آپريشن کان پوءِ سمورن خوارجين کي ماريو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ آپريشن تي هر بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق تاجڪستان جي پارلياماني وفد سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار سان گڏيل عرب امارات جي فيڊرل نيشنل ڪائونسل جي ميمبر احمد مير هاشم ڪوري جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ اسلام آباد ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويلن لاءِ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني حڪومت ۽ فرانس جي سفارتخاني جو "پاڪستان منرلز اڪانومي" جي عنوان سان ويبينار

گرين انرجي ٿامي، ليٿيم جهڙين معدنيات کي مستقبل جي ٽيڪنالاجي لاءِ اهم بڻائي ڇڏيو آهي: علي پرويز ملڪ

پاڪستان جون مائننگ ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي مضبوط ڪرڻ جون ڪوششون قابل تعريف آهن: نڪولس گيلي

فرينچ ڪمپنين لاءِ پاڪستان جي مائننگ جي شعبي ۾ موقعن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فورم تمام مددگار آهي: بينجمن گيلارڊ

پاڪستان ۽ فرانسيسي اسٽيڪ هولڊرز سروي، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ پائيدار مائننگ جي طريقن ۾ تعاون ڪرڻ تي متفق آهن

اسلام آباد (پ ر) پاڪستان جي حڪومت ۽ فرانس جي سفارتخاني گڏيل طور تي "پاڪستان منرلز اڪانومي: گيٽ وي ٽو گروٿ" جي عنوان سان هڪ اعليٰ سطحي ويبينار منعقد ڪيو پيٽروليم جي وفاقي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ فرانسيسي سفير نڪولس گيلي پاڪستان ۽ فرانس جي وچ ۾ معدنيات جي شعبي ۾ سهڪار بابت ويبنار ۾ شريڪ آهن

سنڌ جي انساني حقن واري کاتي پاران ڏاڍو ڏانڊل ۾ ٽن نوجوانن جي المناڪ موت جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار راجوير بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران اسلام آباد عدالت ۽ وانا ڪيڊٽ ڪاليج تي دهشتگردن جي حملي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ عدالت ۽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اپوزيشن حڪومت سان ڳالهين لاءِ ميز تي اچي، مڪمل مدد ڪنداسين: اسپيڪر جي آڇ

وزيراعظم هن ايوان ۾ ويهي ڳالهين جي بار بار آڇ ڪئي آهي، وزير قانون ڳالهين ڏانهن اچڻ لاءِ چيو آهي

مون خلاف هن اليڪشن ۾ ڪا عذرداري نه آهي، اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ ڳالهين کان فرار ٿيڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق اپوزيشن کي آڇ ڪئي آهي ته اها حڪومت سان ڳالهين لاءِ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

هڪ شخص جي خوف ۾ حڪمران پنهنجي سياست پيا ختم ڪن: اختر مينگل

انهن رڳو هڪ ماڻهو جي سياست ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڄي سياست ۽ جدوجهد کي راک بڻائي ڇڏيو

هن ترڪي کي فوري طور ختم ڪرڻ نه ته تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندي ته انهن پاپ ۾ ڇا ڪيو: بي اين پي سربراهه

خضدار (م ڊ) بي اين پي مينگل جي سربراهه اختر مينگل ٽوئيٽ ڪيو آهي ته رڳو هڪ ماڻهو جي سياست ختم ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ شخص گرم ڪپڙا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

ڪراچي ۾ سرچ آپريشن، غير قانوني طور رهندڙ 10 کان وڌيڪ افغاني گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سجل ڳوٺ جي حد ۾ ابو الحسن اصفهاني روڊ تي سرچ آپريشن ڪيو ۽ غير قانوني طور بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسان جي ترجيح اهي منصوبا آهن جيڪي سڌو سنئون ماڻهن کي فائدو ڏين: وڏو وزير

وفاقي، صوبائي ۽ غير ملڪي امداد سان هلندڙ وڏين شاهراهن جي منصوبن مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي

بوڏ کانپوءِ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سهڪار سان روڊن کي وڌيڪ مضبوط ۽ جديد انداز ۾ تعمير ڪنداسين

سنڌ جي بنيادي ڍانچي کي جديد طرز تي استوار ڪرڻ، علائقائي رابطن کي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي جي ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته وفاقي، صوبائي ۽ غير ملڪي امداد سان هلندڙ وڏين شاهراهن جي منصوبن تي ڪم جي رفتار تيز ڪئي وڃي ته جيئن اهي مقرر بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو کاتي سان منسوب سيڪيورٽي سان لاڳاپيل اعلان من گهڙت ۽ بي بنياد قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مختلف ميڊيا ادارن ۽ سوشل ميڊيا ادارن سوشل ميڊيا تي سنڌ جي گهرو کاتي سان منسوب سيڪيورٽي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سکر: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سلطان شاهه ۽ پٽ جا لاش ريڙهي تي نيا پيا وڃن

سنڌ جي گورنر پاران ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي فورسز کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي فورسز بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير سان سريلنڪا جي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

سريلنڪا ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي مئنيجرن پڻ ملاقاتون ڪيون

سريلنڪن هاءِ ڪمشنر هڪ ڀيرو ٻيهر ٽيم جي سيڪيورٽيءَ تي اطمينان جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو وفاقي وزير ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي سان سريلنڪا جي هاءِ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

چين جي پاڪستان ۾ دهشتگرد حملي جي مذمت

چين هر قسم جي دهشتگردي جي سخت مخالفت ڪري ٿو: چيني پرڏيهي وزارت

حملي ۾ ڪنهن به چيني شهري کي ڪنهن قسم جو نقصان نه پهتو آهي

بيجنگ (اي پي پي) چين اسلام آباد ۾ عدالت ٻاهران ٿيل آپگهاتي ڌماڪي جي شديد مذمت ڪئي آهي چين جي پرڏيهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سول ملٽري لاڳاپا بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي: فاروق ستار

سول ۽ ملٽري قيادت سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهندي نظر ايندي آهي

28هين ترميم جو حڪومتي اعلان سڌو سنئون آهي، دفاعي معاهدي سان فائدو ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار چيو آهي ته ملڪ ۾ سول ملٽري لاڳاپا بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

27هين آئيني ترميم وقت جي ضرورت هئي: رضا حيات هراج

هي ايوان مقدس آهي ۽ ان کي آئين جو ڍانچو تبديل ڪرڻ جو اختيار آهي

آئين هڪ مقدس دستاويز آهي، ان جي ڍانچي ۾ تبديلي ايوان جو اختيار آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير رضا حيات هراج چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم وقت جي ضرورت هئي اها بهترين بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نيشنل لائنگ ڊيليگيشن فار منارٽي رائيٽس سي پي ايل بابت ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ۽ صوبائي صلاحڪارن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ راجوير سنگهه سوڍا سان گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

فيصل بينڪ پاران "ميرا گهر، ميرا آشيانا" هائوسنگ اسڪيم منصوبي جو آغاز

گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ گهر جي مالڪي کي ممڪن بڻائڻ اسان جو عزم آهي: سي اي او

هي اسڪيم معيشت، روزگار ۽ تعميراتي شعبي ۾ نوان موقعا پيدا ڪندي: يوسف حسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جامع ۽ گهٽ قيمت واري هائوسنگ کي فروغ ڏيڻ لاءِ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪار جي ٽڪر ۾ روڊ تي ڪرندڙ فوڊ ڊليوري رائيڊر کي ٽرڪ چيپائي ڇڏيو

نارٿ ناظم آباد ۾ ڪار جو ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل سوار 20 سالن جو رائيڊر بابر روڊ تي ڪري پيو

پويان ايندڙ ٽرڪ نوجوان مٿان چڙهي وئي، جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل ويجهو ڪار جي ٽڪر ۾ روڊ تي ڪرندڙ آن لائن فوڊ ڊليوري رائيڊر کي ٽرڪ ڪچلي ڇڏيو تفصيل موجب ڪراچي ۾ نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل چورنگي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ موبائل شاپ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان واپاري قتل

عزيز آباد ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 30 سالن جو حسن علي قتل ٿي ويو

مقتول روزانو هڪ ڪلاڪ پنهنجي پاءُ جي دڪان تي ايندو هو، واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي ٿو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي عزيز آباد ۾ بلاڪ 3 ۾ صديق آباد جي ويجهو موبائل شاپ تي فائرنگ جي نتيجي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان عالمي بئنڪ جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس خلاف ڪڏڻ فقيرن جو احتجاج، گهر تي چڙهائي ۽ تشدد جا الزام

ڪورنگي ٿاڻي جي پوليس ٽيجي چينل جي عورت صحافي سان گڏجي اسان جي گهر تي چڙهائي ڪئي

گهر مان نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪيو ويو تشدد ۾ عورت صحافي به شامل آهي: ڪڏڻ فقير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب جي اڳيان ڪڏڻ فقيرن جو احتجاج، پوليس خلاف نعره بازي ڪراچي ۾ ڪڏڻ فقيرن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فتنه الخوارج سان لاڳاپيل انتهائي گهربل دهشتگرد گرفتار، هٿيار ۽ بارود هٿ

رينجرز ۽ سي ٽي ڊي پوليس گڏيل اطلاع تي شير شاهه جي علائقي ۾ گڏيل ڪارروائي ڪئي

گرفتار دهشتگرد محمد نور عرف خر پاران بم ڌماڪن، ڀتا خوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هيڊڪوارٽرز پاڪستان رينجرز (سنڌ) موجب، رينجرز ۽ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ چيف سيڪريٽري ايمرجنسي آپريشن سينٽر پهتو، ويڪسينيشن مهم بابت بريفنگ

صوبي ۾ ارڙهين ، روبيلا ۽ پوليو جي قومي ويڪسينيشن مهم جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

گادي واري شهر ۾ پوليو خلاف قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي: آصف حيدر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه اربع ڏينهن ايمرجنسي آپريشن سينٽر (اي او سي) جو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اڄ بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو، مشاورت بنا 18هين ترميم ۾ ڪا تبديلي نه ٿيندي: وزيراعظم

آئيني عدالت جي قيام سان بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو اڄا اسان کي گهڻا معاملا طئي ڪرڻا آهن

اختلاف اپوزيشن جو حق آهي ۽ اسان ان جو احترام ڪريون ٿا، اسان کي گارگنڌ ۽ ڏڦيڙ جي سياست ختم ڪرڻي پوندي

معرڪه حق کانپوءِ جڏهن اسان آرمي چيف کي فيلڊ مارشل جو اعزاز ڏنو ته قوم ان کي ساراهيو، قومون هيروز کي ائين ئي عزت ڏينديون آهن

مان هر ان شئي جي خلاف آهيان جيڪا وفاق کي ڪمزور ڪري، ڪالا باغ ڊيم ملڪ جي مفاد ۾ آهي پر ان سان وفاق ڪمزور ٿيڻ جو خطرو آهي

اسان جي ۽ بلاول ڀٽو جي سوچ ۾ ڪو فرق ناهي، اسان ڪجهه معاملن تي ويهي ڳالهائينداسين: وزيراعظم شهباز شريف جو اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ هن ايوان قومي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسان ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو: بئريسٽر گوهر

وزيراعظم جي هدايت تي ڌاهيل ڪميٽي جي ڏن اجلاسن کان اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو هو

اسلام آباد آپگهاتي ڌماڪو افسوسناڪ آهي، اسان هميشه ڳالهين جي ڳالهه ڪئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف سان ملي رهيو آهي

27هين آئيني ترميم عدليه کي ختم ڪرڻ جي سازش آهي: جماعت اسلامي

ڪراچي/حيدرآباد (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته 27 هين آئيني ترميم بادشاهت بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي عدم مداخلت ۽ قومن وچ ۾ دوستاڻي لاڳاپن تي ٻڌل آهي: اسحاق ڊار

علائقائي رابطن، واپاري سهولت ۽ سيڙپڪاري جي حصيداري جي ذريعي معيشتون گڏيل خوشحالي حاصل ڪري سگهن ٿيون

سڄي دنيا مان آيل پارليامينٽ ميمبرن جي موجودگي عڪاسي ڪري ٿي ته قومن وچ ۾ تعاون امن ۽ ترقي جو سڀ کان يقيني رستو آهي

دهشتگردي کي رد ڪيو آهي، اهي بزدلاڻيون ڪارروايون ان لعنت کي ختم ڪرڻ جي اسان جي قومي عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نه ڪنديون: نائب وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار امن استحڪام ۽ ترقي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي پاڪستان جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪندي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪنهن به قسم جي دهشتگردي کي برداشت نه ڪندو: دانيال چوڌري

دهشتگردن جي ڪارروائين جو ڀرپور ۽ موثر جواب ڏنو ويندو، انهن کي شڪست ملندي

دشمن پاڪستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان ڪنهن به قسم جي دهشتگردي کي برداشت نه ڪندو ۽ دهشتگرد ڪارروائين جو ڀرپور ۽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه جي قومي اسيمبلي ۾ آمد، اسپيڪر اياز صادق پاران اڄيان ميمبرن ڀيمڪرن وڃائي استقبال ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه قومي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جا سمورا ادارا مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهيا آهن: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا شهري سهولت ۽ مستقبل جي پائيدار ترقي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندا

ڪي فور منصوبو شهرين سان ڪيل هڪ واعدو آهي جنهن تحت صاف ۽ وافر پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي

وڏي وزير جي هدايت تي سمورن منصوبن جي رفتار تيز ڪئي وئي آهي، عوام حڪومت سان تعاون ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا شهري سهولت ۽ مستقبل جي پائيدار ترقي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندا. ڪي-4 منصوبو ڪراچي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نوشهروفيروز لڳ هٿياربندن جو پوليس چوڪي تي حملو، فائرنگ ۾ ٻه اهلڪار شهيد

پڙيا پرسان ٽيل شاخ لڳ پوليس چوڪي تي ڌوهارين حملو ڪري اڻڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

نتيجي ۾ جمعدار غلام حسين راڄپر ۽ سپاهي سعيد سولنگي مقابلو ڪندي گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا

اطلاع تي ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو پهچي شهيد اهلڪارن جا مڙهه کڻائي اسپتال منتقل ڪيا

پرياسڻي/نوشهرو فيروز (نمائندن وٽان) گذريل رات نوشهرو فيروز ضلعي جي پڙيا شهر پرسان ٽيل شاخ لڳ قائم پوليس چوڪي تي ڌوهارين پوليس مٿان خوفناڪ حملو ڪري پوليس چوڪي تي اڻڌاڌنڌ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پرياسڻي: پڙيا روڊ پوليس چوڪي تي حملي ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي، ٻئي طرف حياتي جون تصويرون

خاندان کي سوا ٽي ٽي ڪروڙ رپيا مالي امداد طور ڏنا ويندا: آءِ جي سنڌ

شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو جوانن پنهنجو رت ڏئي فرض نڀايو آهي

اهلڪارن جي وارثن کي هڪ هڪ نوڪري ۽ رٽائرمينٽ تائين پگهارون ۽ مرعاتون ڏنيون وينديون

نوشهروفيروز: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ پوليس جي بهادر جوانن پنهنجو رت ڏئي عوام جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

نوشهرو فيروز: جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنگين غداري ڪيس: 27 هين آئيني ترميم ذريعي آرٽيڪل 6 ۾ تبديلي جو فيصلو

حڪومتي اتحاد 27هين ترميم وسيلي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي ڪرڻ تي متفق ٿي ويو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت 27هين آئيني ترميم ذريعي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي حڪومتي اتحاد 27هين ترميم وسيلي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: هڪ ناري اسڪوٽي تي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي آهي

ڪراچي بار پاران اسلام آباد ڌماڪي خلاف هڙتال، ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

وڪيلن جي هڙتال سبب سٽي ڪورٽ ۾ عدالتي ڪارروايون مڪمل معطل ڪيون ويون

وڪلا ڪنوينشن ۾ 27 هين ترميم عدليا کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش قرار، تحريڪ هلائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار پاران اسلام آباد ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي ٻاهران بم ڌماڪي جي مذمت ڪندي بم ڌماڪي ۾ شهيدن ٿي ويلن جي ياد ۾ ڪراچي بار پاران مڪمل هڙتال ڪري ڪارو ڏينهن ملهايو ويو هڙتال سبب سٽي ڪورٽ ۾ عدالتي ڪارروايون مڪمل معطل ڪيون بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عالمي ڪتابي ميلي جون تياريون شروع، پنج لک کان وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿيندا

ايڪسپو سينٽر ۾ 20 هون عالمي ڪتابي ميلو 18 کان 22 ڊسمبر تائين منعقد ٿيندو: ڪامران نوراني

هي ميلو پڙهندڙن، ليکڪن ۽ ادارن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪندو: ڪنوينر وقار متين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 20 هون عالمي ڪتاب ميلو ڪراچي ۾ ٿيڻ لاءِ تيار آهي، جيڪو 18 ڊسمبر تي شروع ٿيندو ۽ پنج ڏينهن تائين جاري رهندو ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي جي حوالي سان هڪ پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي پاڪستان بڪ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي سمنڊ ۾ وهنجندي پنج شاگرد ٻڏي ويا، ٽي ڄڻا فوت، ٻه نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل

ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جا شاگرد شريف، اشهد عباس ۽ احمد ٻڏي فوت ٿي ويا، مجيد ۽ رضوان کي بچايو ويو

بچي ويل ٻنهي شاگردن کي طبي امداد بعد نازڪ حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

نوجوانن جو 150 ڄڻن جو گروپ پنهنجي آخري سال جي جشن ملهائڻ لاءِ سمنڊ ڪناري آيل هو: انتظاميا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي منهوڙي ۾ سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران پنج ماڻهو ٻڏي ويا. واقعي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو اهلڪار انهن جي ڳولا شروع ڪئي جن مان ٽن ماڻهن جا لاش بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عبرت روزاني

بقايا	1	ڦاڙي چڙهيون

قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ 27هين آئيني ترميم جي منظوري لاءِ رٽ پيش ڪئي هن چيو ته بار ڪائونسل ايسوسيئيشن جي مشاورت ڪانپوءِ چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه شڪ شبها هئا، اهو لڪيل هو ته جيڪو موسٽ سينيئر هوندو اهو ڪميشن ڪي چيئر ڪندو، ترميمن سان واضح ٿي ويو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس هوندو. ان ڪانپوءِ 27هين آئيني ترميم تي شق وار ووٽنگ ڪئي وئي ۽ سمورين 59 شقون منظور ڪيون ويون. ترميم جي حمايت ۾ 233 ميمبرن ووٽ ڏنو

بقايا	2	وزيراعظم

اتحاد کي هٿي ڏني، آئيني عدالت جي قيام سان بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو اڄا اسان کي گهڻا معاملا طئي ڪرڻا آهن ۽ مشاورت بنا 18هين ترميم ۾ ڪا تبديلي نه ٿيندي آئيني ترميم جي منظوري ڪانپوءِ تقرير ڪندي وزيراعظم چيو ته اختلاف اپوزيشن جو حق آهي ۽ اسان ان جو احترام ڪيون ٿا، اسان کي گارگند ۽ ڏاڍيڙ جي سياست ختم ڪرڻي پوندي، هن وقت الله پاڪ پاڪستان کي جيڪا عسڪري ۽ سفارتي محاذ تي عزت ڏني آهي اها اڳ ۾ نه هئي، هن چيو ته معرڪه حق ڪانپوءِ جڏهن اسان آرمي چيف کي فيلڊ مارشل جو اعزاز ڏنو ته قوم ان کي ساراهيو هاڻ جڏهن آئين ۾ ان کي شامل ڪيو پيو وڃي ته ڪهڙي بري ڳالهه آهي.

بقايا	3	بئريسٽر گوهر

مخالف ڌر اڳواڻ بئريسٽر گوهر خان چيو آهي ته اسان ڳالهين کان انڪار نه ڪيو آهي جڏهن ته اسپيڪر چيو ته وزيراعظم جي هدايت تي ڏاهيل ڪميٽي جي ڪن اجلاسن کان اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو هو اربع ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ بئريسٽر گوهر خان اعتراض واري نڪتي تي چيو ته اسلام آباد اڀڪهاتي ڌماڪو افسوسناڪ آهي اسان هميشه ڳالهين جي ڳالهه ڪئي آهي

بقايا	4	اسحاق ڊار

چيو آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن يعني خودمختيار برابري، تڪرارن جي پرامن حل، عدم مداخلت ۽ قومن جي وچ ۾ دوستاڻي لاڳاپن تي ٻڌل آهي علائقائي رابطن، واپاري سهولت ۽ سيڙپڪاري جي حصيداري جي ذريعي معيشتون گڏيل خوشحالي حاصل ڪري سگهن ٿيون اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن بين الپارليامانی اسپيڪرز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن علائقائي تعاون تڪرارن جي روڪٿام ۽ برابر ترقي جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل وڪالت جو ذڪر ڪندي چيو ته استحڪام ۽ ترقي جي لاءِ ڳالهه ٻولهه سدائين کان اسان جو ترجيحي ذريعو رهيو آهي هن سڄي دنيا مان آيل پارليامينٽ ميمبرن نمائندن ۽ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته انهن جي موجودگي اُن گڏيل يقين جي عڪاسي ڪري ٿي ته قومن جي وچ ۾ تعاون امن ۽ ترقي جو سڀ کان يقيني رستو آهي هن چيو ته سينيٽ چيئرمين ۽ بين الپارليامانی اسپيڪرز ڪانفرنس جي باني چيئرمين سينيٽر سيد يوسف رضا گيلاني جي ويزن موجب سينيٽ آف پاڪستان تحت منعقد ٿيندڙ هن ڪانفرنس گهڻ رخي پائيداريت جي ذريعي امن سلامتي ۽ ترقي کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش ۾ هڪ بيو سنگ ميل آهي

بقايا	5	دانيال چوڌري

موثر جواب ڏنو ويندو جيڪي عنصر ٻاهرئين مدد يا پراڪسيز جي ذريعي پاڪستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گڏريل ڏينهن لياقت باغ اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ نئين سوئمنگ پول ۽ رانديگرن جي هاسٽل جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ رانديين ۽ ثقافت واري صوبائي وزير ملڪ فيصل ايوب کوکر اسيمبلي ميمبرن ڊپٽي ڪمشنر رانديين سان واڳيل شخصيتن رانديگرن ۽ رانديين واري کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته پنجاب حڪومت وزيراعليٰ مريم نواز جي هدايت تي نوجوانن جي لاءِ صحتمند سرگرمين جا موقعا وڌائي رهي آهي انهي سلسلي ۾ جديد سهولتن سان ليس سوئمنگ پول ۽ هاسٽل جو قيام راولپنڊي جي رانديگرن جي لاءِ قيمتي سرمايو ثابت ٿيندو منصوبي جي مجموعي لاڳت اٽڪل 60 ڪروڙ رپيا ٻڌائي وئي آهي هن چيو ته ڀهريون پيرو ان ڪمپليڪس ۾ رانديگرن جي رهائش جي لاءِ هاسٽل تعمير ڪيو ويو آهي جنهن سان قومي ۽ عالمي ڪيمن جي ميزباني ممڪن ٿيندي ۽ ايونٽس دوران خرچن ۾ گهٽتائي اينداي هن ٻڌايو ته پنجاب جي وزيراعليٰ جي خصوصي هدايت تي عورتن جي لاءِ جدا جم قائم ڪيو ويو آهي اهڙي طرح ماضي ۾ اسان جي حڪومت عورت هاڪيءَ جي فروغ جي لاءِ ووميين هاڪيءَ گرائونڊ ۾ جديد آسٽروف وڇايو ته جيئن عورتون آساني سان رانديين ۾ حصو وٺي سگهن هن چيو ته مسلم ليگ (ن) سدائين راولپنڊي جي ترقي ۾ اڳ کان اڳري رهي آهي

بقايا	6	شرجيل ميمڻ

جي ماڻهن سان ڪيل هڪ واعدو آهي جنهن تحت شهر کي صاف ۽ وافر پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جا سمورا ادارا وڏي وزير جي هدايتن موجب مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهيا آهن عزيز ڀٽي پارڪ کان اردو يونيورسٽي تائين پاڻي جي پائيپ لائين وڇائڻ جو مقصد شهرين کي ڊگهي مدت جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي. عارضي ٽريفڪ جا مسئلا ضرور پيدا ٿي رهيا آهن پر اهي مسئلا مستقل حل ڏانهن پيش رفت آهن عوام کي اپيل آهي ته اهي تعاون ڪن

بقايا	7	اهلڪار شهيد

فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ جمعدار غلام حسين راڄپر ۽ سپاهي سعيد سولنگي ڌوهارين سان مقابلو ڪندي گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا حملو ڪندڙ سرڪاري هٿيار به پاڻ سان گڏ کڻي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن بعد سمورو علائقو خوف ۽ هراس ۾ ورتل رهيو واقعي واري جاءِ تي فوري طور ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو پهچي شهيد اهلڪارن جا مڙهه ڪڍائي ۽ سندن غسل ڏياري ڪفن پهرائي پوليس لائين نوشهرو فيروز ۾ آندا ويا جتي سندن جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي

بقايا	8	آءِ جي سنڌ

حفاظت جو فرض نڀايو آهي شهيدن جو رت ڪڏهن به رائيگان نه ويندو پوليس تي حملو ڪندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ جلد کان جلد آندو ويندو آءِ جي سنڌ وڏيڪ اعلان ڪيو ته شهيد اهلڪارن جي وارثن کي هڪ هڪ نوڪري ڏني ويندي رٽائرمينٽ تائين پگهارون ۽ مرعاتون سندن پوئينرن کي فوري طور جاري ڪيون وينديون جڏهن ته هر شهيد جي خاندان کي سوا ٽي ڪروڙ رپيا مالي امداد طور پڻ ڏنا ويندا.جڏهن ته شهيدن جا لاش کنيا ويا ته پوليس لائين ۾ انتهائي ڏک ۽ غم وارو ماحول ڇانئجي ويو.

بقايا	9	شرڪت

غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ سيشن جج امير علي مهيسر ايس ايس پي نوشهرو فيروز روحل کوسوضلعي چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي، پوليس جا اعليٰ آفيسر سياسي سماجي اڳواڻ وڪيل برادري ۽ صحافين سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز دوران سڄو ماحول سوڳوار بڻيل رهيو جڏهن ته پوليس طرفان شهيدن کي سلامي پڻ پيش ڪئي وئي ۽ جنازن کي قومي جهنڊي ۾ ويڙهي اباڻن ڳوٺن ڏانهن روانو ڪيو ويو جتي سندن تدفين پڻ پوليس جي اعزاز سان ڪئي وئي.

بقايا	10	تبديلي جو فيصلو

ڪرڻ تي متفق ٿي ويو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ سان گڏ "آئيني عدالت" جا لفظ شامل ڪيا ويندا. ان ڪانسواءِ ڪلاز 2 تحت سنگين غداري وارو عمل ڪنهن به عدالت طرفان جائز قرار نه ڏئي سگهبو.

بقايا	11	ملهايو ويو

ويون . هڙتال سبب سٽي ڪورٽ جون سمورا مک دروازا بند ڪيا ويا، سائلين دروازن تان واپس ٿي ويا.ٻئي پاسي ڪراچي بار پاران 27هين ترميم خلاف سٽي ڪورٽ ۾ وڪلا ڪنوينشن منعقد ڪيو جنهن ۾ ڪراچي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڊويزن ڪراچي

سامهون: مشرق سينٽر سر شاهه سليمان روڊ گلشن اقبال ڪراچي. فون نمبر: 021-99231945 اي ميل: xenrdd95@gmail.com

حوالو: هي آفيس NIT بيئرنگ نمبر، ايڪس اِي اين/آر ڊي ڊي/ڪي ايڇ اءِ/اين آءِ ٽي/اي ڊي پي_26_2025 تاريخ: 16 آڪٽوبر 2025 ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ وڊيو آئي ڊي نمبر 1000_25_T02223 تي اپ لوڊ ٿيل تاريخ: 20,10,2025

اضافو

مٿي ڄاڻايل اين آءِ ٽي نمبر جي تسلسل ۾، هيٺ ڄاڻايل ڪم عوام جي بهترين مفاد ۾. ذڪر ڪيل پوئين ڪمن کان علاوه شامل ڪيا ويا آهن. سيڙئي ٽينڊر، هيٺ ڄاڻايل تاريخ، وقت ۽ جڳهه تي جاري ڪيا، جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا جيئن هيٺ ڄاڻايل آهي.

سيريل نمبر	تفصيل	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي 5% (ملين ۾)	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقو مراد ميمڻ (ڪوٽيسوري ڪميونٽي سينٽر يوسي، غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	17.859	0.892	5000	18 مهينا
02	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقي مراد ميمڻ (دائود ڳوٺ، يوسي غازي دائود بروهي) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	11.667	0.583	5000	18 مهينا
03	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير (وغير ڪميونٽي سينٽر ڪوڪرا پار ملير يو سي، غريب آباد)	20.324	1.0162	5000	18 مهينا
04	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ (آدم هنگورا ڳوٺ، يو سي غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	23.844	1.1922	5000	18 مهينا
05	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ سنگهار جماعت خانه يوسي غريب آباد ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	32.436	1.621	5000	18 مهينا
06	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ (حاجي پير محمد ڳوٺ يو سي، غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	29.123	1.456	5000	18 مهينا
07	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقي مراد ميمڻ (يونٽ-07 سمون ڳوٺ يو سي مراد ميمڻ) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	15.539	0.776	5000	18 مهينا
08	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي ابراهيم حيدري ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير (دائود چلي ڪميونٽي سينٽر يو سي دائود چورنگي).	22.510	1.125	5000	18 مهينا
09	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقو ابراهيم حيدري (سليمان خيل ظفر ٽائون يوسي، قائد آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	16.986	0.849	5000	18 مهينا
10	ڪميونٽي سينٽر جي تعمير NA-230ضلعي ملير (يو سي مسلم آباد)	25.00	1.250	5000	18 مهينا
11	ڪميونٽي سينٽر اين اي-230 ڊسٽرڪٽ ملير (يو سي ڪيٽل ڪالوني) جي تعمير	25.00	1.250	5000	18 مهينا
	پراونشل اي ڊي پي				
01	ڪميونٽي سينٽر ضلعي ملير (ٻچل ڳوٺ ملير) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
02	ڪميونٽي سينٽر ڊسٽرڪٽ ملير (در محمد ڳوٺ ملير يو سي مراد ميمڻ) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
03	ڪميونٽي سينٽر ضلعي ملير (آفريدي ڪالوني يو سي خلد آباد) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
04	ضلعي ملير ڪراچي ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي انسٽاليشن.	110.00	5.500	5000	18 مهينا
05	تعلقي گڏاپ ضلعي ملير ڪراچي ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽن جي انسٽاليشن	40.00	2.00	5000	18 مهينا

واڪ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ):

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
.i	ڪورا واڪ دستاويز جاري ڪرڻ لاءِ درخواست جي وصولي جي آخري تاريخ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان شام 04:00 وڳي تائين ٽينڊر فيس جي ادائيگي تي (ناقابل واپسي).	04-12-2025	19-12-2025
.ii	ٽينڊر جي وصولي ۽ کولڻ جي تاريخ (ٽينڊر جي وصولي منجهند 12:00 وڳي تائين ۽ کولڻ منجهند 1:00 وڳي تائين)	05-12-2025	20-12-2025
.iii	جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ افتتاح جو هنڌ: ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڊويزن ڪراچي جي آفيس ۾ هوندي. سر شاهه سليمان روڊ مشرق سينٽر ڊي سي ايسٽ ڪراچي جي سامهون.		

ٽينڊر جا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا جيئن حوالو ڄاڻايل اين آءِ ٽي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
ڊويزن ڪراچي.

INF-KRY.NO.3752/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

27 هين آئيني ترميم ۽ اُن جا مستقبل تي اثر!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
ڪرو مهرباني تم اهلِ زمين پر..!
صفحو 4

آرٽيفيشل انٽيليجنس جو رت جو سفر!
غلام فاروق
صفحو 4

غلام مصطفيٰ جمالي
صفحو 4
اسلام آباد ۾ دهشتگرديءَ جو واقعو: سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي!

ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جا ملازم 11 مهينن کان پگهارن کان محروم، حيدرآباد ۾ احتجاج

صحت کاتي پاران ڊسمبر 2024ع کان ڪانٽريڪٽ ۾ واڌاري جا ليٽر جاري نہ ٿي سگهيا

ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي، 8 سال خدمتن باوجود روزگار غير يقيني صورتحال جو شڪار

11مهينا گذرڻ باوجود ڪانٽريڪٽ جو ليٽر جاري ناهي ٿيو ۽ نہ ئي پگهارون جاري ڪيون ويون آهن:مظاهرين

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) صحت کاتي سنڌ پاران 8سالن کان مقرر ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جي ملازمن کي 11مهينن کان نوڪري ۾ واڌاري جو ليٽر نہ ملڻ،پگهارون کان محروم،احتجاج. صحت کاتي سنڌ پاران سموري سنڌ ۾ ڊينگي ڪنٽرول پروگرام تحت ملازمن کي ڊسمبر 2024 کان ڪانٽريڪٽ ۾ واڌاري جو ليٽر نہ مليو آهي جڏهن ته 11مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب سندن گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مقرر ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جي ملازمن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون فهد وسطڙو،اسد علي شر،سجاد سانگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسين 2017 کان صحت کاتي پاران ڊينگي ڪنٽرول پروگرام ۾ مختلف پوسٽن تي نوڪري ڪري رهيا آهيون. نوڪري جي شروعات ۾ اسان کي اسڪيل وائيز ٽريزري ذريعي پگهارون ملنديون هيون ۽ هرسال قانون موجب پگهارن ۾ واڌ ڪئي ويندي هئي ٿن سالن ڪانپوءِ اسان جون پگهارون چيڪ ذريعي ادا ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو ۽ هاڻ سمورن ملازمن جي فيڪس پگهار رکي وئي آهي. هنن چيو ته گذريل 8سالن کان هر سال ڪنٽريڪٽ ۾ واڌاري جو نوٽيفڪيشن 3کان 6مهينن اندر جاري ڪيو ويندو هو پر هن سال 11مهينا گذرڻ باوجود ڪانٽريڪٽ جو ليٽر جاري نہ ڪيو ويو آهي ۽ نہ ئي پگهارون جاري ڪيون ويون آهن. هنن چيو ته اسان ڊينگي ڪنٽرول پروگرام تحت باقائده نوڪري ڪريون پيا. جڏهن ته سرڪاري نوڪري لاءِ مقرر عمرون به اسان جون نڪري ويون آهن.هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير،صحت کاتي واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري صحت کي اپيل ڪئي ته سندن جو نوڪري ۾ واڌ وارو ڪانٽريڪٽ ليٽر جلد جاري ڪري رهيل پگهارون ڏنيون وڃن ۽ نوڪرين تي پڪو ڪري پڪو ڪري انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد: ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جا ملازم 11 مهينن کان پگهارن کان محروم، حيدرآباد ۾ احتجاج

خيرپور ۾ بيواهہ عورت جو بااثر ڏيرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ بيوهه عورت جي گهر تي بااثر ڏيرن جو مبينہ قبضي جي ڪوشش چوپائي مال جي لانڊي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي گهرجو نلڪو پچي پاڻي بند ڪيو ويو بيوهه عورت ريهن ڏينهن کان پاڻيءِ کان محروم ايس ايڇ او ٽال مٽول ڪري رهيو آهي تفصيل موجب خيرپور جي مهيسر وڏا ٿاٽي جي حد جي ڳوٺ ڪلرائي ناريجا ۾ بااثر ڏيرن حليم الله ناريجو، جانب ناريجو ،درويش ناريجو ۽ غلام شبيرناريجو جو بيوهه ارباب خاتون زال مرحوم محمد عثمان ناريجو جي گهر تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ بيوهه عورت جي چوپائي مال جي لانڊي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته بيوهه جي گهرجو نلڪو پچي پاڻي بند ڪيو ويو آهي بيوهه عورت ريهن ڏينهن کان پاڻي کان محروم اهڙي عمل ڪربلا جي ياد تازي ڪري ڇڏي .بيوهه عورت سخت تڪليف جو شڪار آهي . بيوهه موجب اسان غريب ۽ مسڪين آهيو بااثرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اسان وڏا مهيسر ٿاٽي تي باربار ريجي چڪا آهيون پر ايس ايڇ او وڏا مهيسر ٽال مٽول ڪري رهيو آهي .بيوهه عورت اهڙي ڪردارن خلاف ڊي آئي جي سکر فيصل عبدالله چانڊيو ، ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي کان مطالبو ڪيو آهي ته مون بيوهه سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي .

سڪرنڊ ۾ بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول پاران تعليم جي اهميت تي جاڳرتا ريلي

پرنسپال ميڊم شفقت آرائين جي اڳواڻي ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ ”پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ“ جا نعرا، والدين کي ٻارن جي اسڪول اچڻ لاءِ اپيل

سڪرنڊ (س ر) بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول سڪرنڊ پاران پرنسپال ميڊم شفقت آراءِ آرائين جي اڳواڻيءَ ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي جنهن ۾ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي جڏهن ته تعليم کاتي جي رٽائر ضلعي آفيسر امير بخش پلي ۽ مهراڻ هاءِ اسڪول نوابشاهه جي هيڊ مسٽريس ميڊم نسرين ناز پلي ۽ سوڀل ڪوسو پڻ خصوصي شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊم شفقت آراءِ ڳالهائيندي چيو ته پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ واري سلوگن تحت ريلي جو اهتمام ڪيو آهي ان ڪري جاڳرتا ريليون ڪڍي عام ماڻهوءَ تائين اهو پيغام پهچائڻ ٿا چاهيون ته پنهنجي نسل کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪن تعليم ئي سڀ ڪجهه آهي هن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد به اسڪول اچڻ ۾ سستي ڪندا آهن انهن جي والدين کي پڻ اپيل ٿا ڪريون ته ٻارن کي اسڪول اچڻ جو پابند ڪن ريليءَ ۾ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جا نعرا پڻ لڳايا ويا

سڪرنڊ: پرنسپال ميڊم شفقت آرائين جي اڳواڻي ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

صوبائي وزير صحت جي ڏاڏا غلام شاهه لغاري سان امڙ جي وفات تي تعزيت

موت اٽل آهي جنهن کي مڃڻ هڪ حقيقت آهي: ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو

ماءُ جو وڇوڙو جيءُ جهوري ڇڏيندڙ آهي شال ڪنهن جي ماءُ ڪنهن کان جدا نہ ٿئي

سڪرنڊ (س ر) صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرہ فضل پيچوهو سڪرنڊ لڳ ڳوٺ مير خان لغاري پهچي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري جي جيجل امڙ جي وڇوڙي تي تعزيت ڪئي ان موقعي صوبائي وزير ڳالهائيندي چيو ته موت اٽل آهي جنهن کي مڃڻ هڪ حقيقت آهي پر ماءُ جو وڇوڙو جيءُ جهوري ڇڏيندڙ آهي شال ڪنهن جي ماءُ ڪنهن کان جدا نہ ٿئي هن اهو به چيو ته اسين ڏاڏا غلام شاهه لغاري سميت ڏکويل خاندان سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون دعا آهي ته الله سائين مرحوم کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ان موقعي تي پيپلز پارٽي جو ضلعي صدر محمد سالم زرداري ، زرداري هائوس نوابشاهه جو ترجمان شير باز مري ، امام الدين جلباڻي ، اسامہ شاهه لغاري ، اختر حسين رند ، آغا ضمير پٺاڻ ، ممتاز لاشاري ، رفيق لاشاري . عبدالله شيخ پڻ موجود هئا آخر ۾ اڳواڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون ميڊم عذرہ فضل سميت سمورن دوستن جو جيڪي اسان جي ڏک ۾ شريڪ ٿيا آهن

سڪرنڊ: صوبائي وزير صحت جي ڏاڏا غلام شاهه لغاري سان امڙ جي وفات تي تعزيت

مٽياري ۾ وڪيلن جو 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ٻاهران پيرل مجيداڻو ۽ ٻين وڪيلن نعريبازي ڪئي

27 ترميم ذريعي سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا پيا وڃن: مظاهرين

جيڪڏهن ترميم واپس نہ ورتي وئي ته اسلام آباد ۾ ملڪ گير ڌرڻو ڏنو ويندو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ۾ وڪيلن پاران 27 ترميم خلاف ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عدالت ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي ان جي اڳواڻي پيرل مجيداڻو ظهير سومرو ۽ ٻيا وڪيل ڪري رهيا هئا، جن جو چوڻ آهي ته 27 ترميم ذريعي تبديليون آنديون پيون وڃن جيڪي ڪنهن به صورت قبول ناهن اسان ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، فوري طور 27 منظوري کي واپس ورتو وڃي نہ ته جلد پوري ملڪ جا وڪيل اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻندا اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته 27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن هاڻي نہ سياسي قيادت توڙي جوڊيشري به اسٽيبلشمينٽ جي ڪنٽرول هيٺ اچي ويا آهن 27 آئيني ترميم سان صوبن جا اختيار ختم ڪري وفاق حوالي ڪيا پيا وڃن، صوبن تي صوبن جي حاڪميت ختم ڪري مڪمل طور وفاق جي تابع ڪيو پيو وڃي، سنڌ جي عوام کي 27 ترميم ڪنهن به صورت قبول ناهي جيستائين ترميم ختم نہ ٿي ڪئي وڃي اسان جو احتجاج جاري رهندو

مٽياري : وڪيلن جو 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

فريدآباد ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان سوين عورتن جا نالا خارج، متاثر عورتن جو احتجاج

مٿين اڪڪيڊائي، سيدپور، فريدآباد، موجهڙ ۽ ٻين ڳوٺن جي عورتن ٻارن سميت مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

بغير ويريفڪيشن جي نالا خارج ڪيا ويا آهن، ڪارڊ بند ٿيڻ سبب گهرن جا چلهه به ٺپ ٿي ويا آهن: مظاهرين

بسمپ ٽيمون ڳوٺن ۾ موڪلي نئين سري سان ويريفڪيشن ڪري قسطون بحال ڪيون وڃن

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ،ڪاڇي فريدآباد ۽ پرياسي جي سوين مسڪين مستحق عورتن جا بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام مان نالا خارج مستحڪم عورتون بند ٿيل ڪارڊ ڪولراڻي لاءِ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪارڊ بند ٿيڻ ۽ قسط جاري نہ ٿيڻ خلاف مٿين اڪڪيڊائي سيدپور،فريدآباد ،موجهڙ ۽ ٻين ڳوٺن جي عورتن جو ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو اسان غريب مسڪين آهيون بغير ويريفڪيشن جي اسان جي بينظيرانڪم سپورٽ جي قسط مان نالا خارج ڪيا ويا آهن انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط نہ ملڻ ڪري اسان جي گهرن جي چلهه به نٿي ٻري اسان ڪاڇي جي عورتن جي سروي ڪرڻ لاءِ ڪابہ بسمپ ٽيم نہ پهتي هئي، اسان جي ميهڙ ۾ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ بجاءِ اسان جي ڳوٺن ۾ بسمپ ٽيمون موڪلي ويريفڪيشن ڪري اسان جي ڪٽيجي ويل قسط جاري ڪئي وڃي بينظير خاتون عزيزان چانڊيو ۽ ٻين جو سرڪار کان مطالبو

فريدآباد: فريدآباد نيوز1 علي عباس چنا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان نالا خارج ڪرڻ خلاف مستحڪم عورتن جو احتجاج

خيرپور: پاپوليشن کاتي ۾ بااثر عملدار ڪليم الله مهيسر تي ڪرپشن جا الزام

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ پاپوليشن کاتي ۾ اهم عهدي تي فائز بااثر عملدار ڪليم الله مهيسر کاتي جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو 10 سالن کان ڪليم الله مهيسر اهم عهدي تي فائز رهي ڪرپشن جا جديد طريقا ايجاد ڪري ڇڏيا، ڪوڙا پروموشن ڪرائي، انهن تي آفيسرن جو ڪوڙيون سائينون ڪرائي، لکين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي. سماجي ذرين پاران نوٽيس جو مطالبو خبر موجب خيرپور جي سماجي اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان ناريجو علي ڏنو اسلم ميتلو رياض جکرو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ضلعو سنڌ ۾ آبادي جي لحاظ کان ٻهرين نمبر تي آهي پر افسوس آهي جو پاپوليشن کاتو خيرپور ضلعي ۾ وڌندڙ آبادي ۾ ڪنٽرول ڪرڻ توڙي جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ مڪمل ناڪام آهي جنهن جو خاص سبب پاپوليشن کاتي جو بااثر عملدار ڪليم الله مهيسر آهي هنن چيو ته ڪليم الله مهيسر اڪثر گذريل 10 سالن کان پاپوليشن کاتي خيرپور ۾ اهم عهدي تي فائز آهي ڪليم الله مهيسر آفيس جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري پاپوليشن کاتي جي آفيسرن توڙي ملازمن کي ويزا تي ڇڏي، پگهارن ۽ رهتو بلن جاڳرتا مهم کي ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڊيڪاري، پيٽرول سميت مختلف هيڊز ۾ آيل بجيٽ کي چونو هڻي هرسال ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيو آهي ڪليم الله مهيسر مبينہ ڪرپشن ڪري اربين روپين جون پراپرٽيون خريد ڪري ورتيون آهن پر افسوس آهي جو نيب، اينٽي ڪرپشن هن ڪرپٽ عملدار خلاف ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهي سماجي اڳواڻن صوبائي وزير پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سيڪريٽري پاپوليشن سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاپوليشن کاتي خيرپور مان ڪرپشن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ ڪرپشن ۾ ملوث عملدار خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي-

حيدرآباد ڊويزن ۾ اڳ کان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي: ڊي آئي جي حيدرآباد

منشيات فروشن توڙي ڌوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن

9 ضلعن جي ٿاڻن جي پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي پڻ ڪئي وئي آهي

نيوسعيدآباد (ت ر) ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو چيو آهي ته منشيات فروشن توڙي ڌوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن ان کان علاوه منشيات فروشن جي سرپرستي ڪرڻ جا ثبوت ملڻ تي حيدرآباد ڊويزن جي 9 ضلعن جي مختلف ٿاڻن جي پوليس عملدارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وئي آهي نيوسعيدآباد پرسان ڳوٺ منصوره ڏيپر ۾ ايس ايس پي مٽياري محمد عارف اسلم راٺو ڊي ايس پي نيوسعيدآباد بلندو خان مگسي سان گڏ پوليس پوسٽ جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ اڳ کان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي، پوليس وردي ۾ ڪارين رڍن سان گڏ منشيات فروشن انهن جي سهولتڪارن خلاف ڪارروايون ڪرڻ سبب ڏوهن ۽ منشيات جي وڪري تي سلو ڪنٽرول ٿيو آهي ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد جو چوڻ هو ته آئيس چرس جهڙن خطرناڪ نشي وارين شين جي منشيات فروشن لاءِ به اسان پلان جوڙيو آهي انهن خلاف سخت آپريشن ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تي پهچايو ويندو هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته حيدرآباد ڊويزن اندر مٽياري ضلعي ۾ پوليس منشيات فروشن سميت ڌوهارين خلاف آپريشن ڪري سوين منشيات فروشن ۽ ڌوهارين کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي جيڪو مٽياري پوليس جو بهترين ۽ ساراهه جوڳو قدم آهي ان کان اڳ افتتاحي تقريب ۾ ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد کي پوليس طرفان گارڊ آف آنر ڏنو ويو.

نيو سعيد آباد: منشيات فروشن توڙي ڌوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن

ٺري محبت ۾ پوڙهيت تي مبينا چوري جو الزام ۾ تشدد، موٽرسائيڪل ۽ موبائل کسي ورتو

چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جي نوڪر پاران امجد خاصخيلي کي رسي تان پڪڙي ڪنڌڪر ڏنو ويو

تشدد کان بيهوش پوڙهيت کي اوطاق ٻاهران ڦٽو ڪيو ويو، پوليس پڻ گرفتاري لاءِ پهتي، صحافي ڏسي واپس روانگي

وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي دادو جو نوٽيس، زخمي کي علاج لاءِ ليٽر نہ مليو

ٺري محبت (ن ع) ٺري محبت جي جوکيا محلا جي رهواسي پوڙهيت امجد پٽ پريل خاصخيلي جنهن کي ٽائون ڪاميٽي ٺري محبت جي چيئرمين شاهد سهول جي نوڪر آصف سومرو مبينا چوري جي الزام هڻي رستي تان موٽرسائيڪل تي وجهي دوران پڪڙي وڏيري جي اوطاق تي پنهنجي عدالت لڳائي سخت تشدد ڪري زخمي ڪري وڌو تشدد دوران پوڙهيت اپ ڏاريندڙ ڏانهون ڪندو رهيو پر پوءِ به هن کي نہ ڇڏيو ويو جڏهن ته تشدد دوران پوڙهيت بيهوش ٿي ويو جنهن کي بعد ۾ اوطاق ٻاهران ڦٽو ڪيوويو جيڪو هوش ۾ اچڻ بعد پنهنجي گهر پهتو جتان پوليس هن جي پوڙهي پي کي اڳ گرفتار ڪري ٿاڻي تي ڪئي وئي هئي ۽ بعد ۾ ان بااثر پوٽار ۽ ان جي نوڪر جي چوڻ تي تشدد ٿيل پوڙهيت کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ پوليس کي موڪليو ويو پر دوران اتي صحافي به پهچي ويا جن جي مداخلت تي تشدد ٿيل نوجوان کي ڇڏي فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي ٿيل پوڙهيت ٿاڻي تي پهچي پاڻ تي ٿيل تشدد مطلق ٻڌايو ۽ چيو ته مون کي ليٽر ڏيو ته علاج لاءِ اسپتال وڃا ۾ پوليس هن کي ليٽر نہ ڏيو ۽ ٿاڻيندي ٿاڻي ڇڏي پنهنجي بنگلي تي هليو ويو هوڏانهن نوجوان تي تشدد جي وڊيوز سوشل ميڊيا تي هلڻ ڪانپوءِ ذريعن موجب ايس ايس پي دادو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او ٺري محبت کي پنهنجي آفيس طلب ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس ۽ مقامي وڏيري جي گٺ جوڙ سبب هڪ موالي کي پڪڙي زوري ان پوڙهيت تي چوري جو الزام لڳائڻ لاءِ زور ۽ دٻاءُ وجهي پيو وجهي ٻئي پاسي تشدد جو نشانو بڻيل پوڙهيت امجد خاصخيلي جي موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون آصف سومرو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته پوڙهيت جي پي پريل خاصخيلي ميڊيا واري کي ٻڌايو ته جيڪڏهن اسان سان انصاف نہ ٿيو ته سخت کان سخت احتجاج ڪيو ويندو آخري اطلاع تائين ٺري محبت پوليس زخمي ٿيل پوڙهيت کي ليٽر نہ ڏنو ۽ هو زخمي حالت ۾ پنهنجي گهر اندر ڏانهون ڪندو رهيو آهي

ايڪشن الائنس جي چيئرمين جو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

آفتاب چانڊيو سينٽر جي مختلف شعبن بلڊ بينڪ ، ليبارٽري، فري فارما وارڊن جو جائزو ورتو

سينٽر بابت ساراهه ٻڌل هئي پر اڄ اکين سان ڏسي خوشي به ٿي رهي آهي:آفتاب چانڊيو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ ايڪشن الائنس جي چيئرمين سماج سڌارڪ آفتاب احمد چانڊيو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ، آئي سي يو ۽ ميل فيميل وارڊ شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنہ ڪيس شعبن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر تي 27 سئو کان وڌيڪ ٿيليسيميا جا ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي 12 ضلعن مان ايندا آهن جن کي رت ، دوائون ۽ لنچ مفت فراهم ڪيو ويندو آهي بريفنگ بعد آفتاب احمد چانڊيو الڳ الڳ واردن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ۽ سندن عيادت ڪئي جنهن بعد هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا سينٽر بابت ساراهه ٻڌل هئي پر اڄ اکين سان ڏسي خوشي به ٿي رهي آهي ته حيراني به ٿي رهي آهي ته اسان وٽ نوابشاهه ۾ ههڙو ادارو موجود آهي هن وڌيڪ چيو ته دنيا جا ڪئي ملڪ گهميا ، ڏٺا ۽ پرکيا اٿئون پر حقيقت هي ۽ آهي ته ٿيليسيميا سينٽر اچي اهو محسوس ٿي رهيو آهي ته ڪنهن سڌريل ملڪ جي اداري ۾ آهيون هتي جو انتظام ۽ صفائي سٿرائي پڻ ڪمال جي آهي آفتاب احمد چانڊيو اهو پڻ اعلان ڪيو ته 22 نومبر تي ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويندو ۽ يونين ڪائونسل پنهل خان چانڊيو ۾ ٿيليسيميا بابت اسڪريننگ ڪيمپ لاءِ پڻ مڪمل سهڪار ڪندو جنهن تي اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال سندس ان اعلان کي ساراهيندي چيو ته اسان کي آفتاب احمد چانڊيو جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي جيڪي هر حوالي سان ٿيليسيميا جي ٻارن جي درد کي سمجهي سگهن ان کان اڳ آفتاب احمد چانڊيو جي سينٽر پهچڻ تي ٿيليسيميا فائيٽر ايڊووڪيٽ دانش ٽنيو ڪيس گلدستو پيش ڪري سندس شاندار آجيان ڪئي ان موقعي تي بشير لاشاري ، غلام نبي ملاح ، آغا راشد ، حسنين سولنگي ، شاهد خان ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا .

سڪرنڊ: ايڪشن الائنس جي چيئرمين جو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

ٽنڊو محمد خان ۾ پوڙهيت غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪريم آباد واسي 45 سالن جي لونگ ڪولهي ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي ڪريم آباد ڪالوني جو رهواسي پوڙهيت 45 سالا لونگ ڪولهي ڪيترن ڏينهن کان مزدوري نہ ملڻ جي ڪري نيٺ تنگ اچي پنهنجي زندگي جو ڏيئو گهر جي پرسان وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو، علائقي جي رهواسين لاش کي وڻ ۾ ٽنگيل ڏسي سندس گهر ڀاتين کي اطلاع ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سندس مٽن مائٽن لاش کي وڻ کان هيٺ لاهي پوليس کي اطلاع ڪري لاش کي سرڪاري اسپتال پوسٽ مارٽم لاءِ پهچايو جتان ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش کي واپس سندس ڪريم آباد ڪالوني واري گهر ڪٺائي ويا ، لاش گهر پهچڻ تي غربت ۽ بيروزگاري جاتائي پنهنجا بيان ڏئي ڇڏيا آهن، پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن موجب آپگهات جو واقعو غربت بيروزگاري جي ڪري پيش آيو آهي ، آپگهات ڪندڙ لونگ ڪولهي پنهنجي پوياڻ 4 پٽ ، 2 نياڻيون سميت 6 ٻار ۽ هڪ بيواهه سوڳوار ڇڏي آهي جنهن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آپگهات ڪندڙ جي گهر ۾ اڪثر ڪري کاڌ خوراڪ لاءِ رڌ پچاءِ جو سامان نہ هوندو هو ۽ هو پنهنجي زندگي مان تمام گهڻو پريشان رهندو هو ، کاڌ خوراڪ جو سامان نہ ملڻ جي ڪري پنهنجي ٻارن ۽ زال سميت ڪنهن وقت بکيو رهي رات ڏينهن گهر ۾ سمهي پوندو هو ، علائقي جي ساجاهه وندن جو

ڪي اين شاهه ۾ نامعلوم چور دوڪان مان لکين روپين جو سامان کڻي ويا

نامعلوم چورن فتح علي پنهور جي دوڪان جا تالا توڙي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم کڻي فرار

اليڪٽرڪ يونين ۽ چيمبر آف ڪامرس جا اڳواڻ متاثرن وٽ پهچي مدد جو يقين ڏياريو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه علمدار چونڪ مين بس اسٽاپ تي قائم هول سيل جي مشهور ڪرياڻ مرچنٽ . مرغي جي هول سيلر فتح علي پنهور مشهور مستري اسعاد جاپاني جي دوڪان جا رات کي نامعلوم چور تالا توڙي لکين روپيا روڪ ۽ قيمتي سامان کڻي آساني سان هليا ويا ان واقعي خلاف اليڪٽرڪ يونين جي قائد مقام صدر علي محمد قمبراڻي ۽ سندس ٽيم متاثر وٽ پهچي پنهنجي مدد جو يقين ڏياريو ان موقعي تي چيمبر آف ڪامرس ضلع دادو جي نائب صدر عمران علي زنگيجو ۽ سيٺ فتح علي پنهور ڏانهنديءَ چيو ته بار بار ايس ايڇ او ڊي ايس پي کي مين بس اسٽاپ تي پوليس وارو مقرر ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي مگر ان تي ڪوبه عمل ڪيو ويو، شهرين کي چورن ۽ ڦورن تي ڇڏيو ويو آهي پوليس منشيات فروشن چورن ڦورن جي سانٿاري بنيل آهي شهري مڪمل طور تي عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا آهن هنن اهو به چيو ته ايس ايڇ او قمر الدين ٿنيو ۽ ڊي ايس پي عبدالحق قريشي پنهنجيءَ بنگلي تي آرامي آهن جڏهن ته ڪي اين شاهه ٿاڻي تي مقرر ٿيل ڪيترائي پوليس اهلڪارن جي ويزا تي وڃڻ جا اطلاع آهن جنهن سبب شهر ۾ چورين ۽ ڦورن جي ڏمر مچل آهي واپاري اڳواڻن ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته هو چوري ٿيل سامان فوري طور واپس ڪرائي واپارين ۾ پکڙيل ٿيل بيچيني ختم ڪري

خيرپورناٿن شاهه: دڪان مان ٿيل چورن تي واپاري اڳواڻ ۽ دڪاندار ڳالهائيندي

سجاول: پوليس ڪارروائي هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار

سجاول پوليس ڪارروائي، هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلع پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار پوليس ترجمان موجب ايس ايڇ او لاڏيون غلام مصطفيٰ سولنگي پاران منشيات ۽ آئيس ڪرسٽل ڊيلر شمس جاڙيجو کي چرس ۽ آئيس سميت گرفتار ڪيو ويو گرفتار منشيات فروش شمس جاڙيجو جاچ دوران اعتراف ڪيو ته سندس ساٿي منشيات فروش گرڊ اسٽيشن جي پرسان جهاڙين ۾ لڪل آهن جنهن تي ايس ايڇ او لاڏيون پوليس پارٽي ۽ گرفتار جوابدار جي ساٿ سان اتي پهتي ته موجود منشيات فروشن پوليس تي فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ گرفتار منشيات فروش شمس جاڙيجو زخمي ٿي پيو رات جي اونڌهه جو فائدو وٺي ٻيا منشيات فروش فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

ماتلي ۾ پي ڪي ايم ٽي ضلع ٽنڊو محمد خان جو اجلاس

اجلاس ۾ هارين، مزدورن ۽ استادن جي شرڪت، سامراجي پاليسين، موسمي بحران ۽ عوامي مسئلن تي زور

غير متوقع برساتون، ڏڪار، گرمي جون لهرون ۽ ٻوڏ هارين ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي خطري ۾ وجهي ڇڏي آهي

ماتلي (ن ع) پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ جي طرفان "سامراجي جنگين، قرضن موسمي بحران ۽ عدم مساوات خلاف عوامي محاذ" جي موضوع تي ضلع ٽنڊو محمد خان جو ٽيون ضلعي اجلاس منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن مان پي ڪي ايم ٽي جي ميمبرن سان گڏ ٻين هارين، مزدورن ۽ استادن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پي ڪي ايم ٽي جي ميمبرن حميد الله ورڻ نور احمد زنڊپون محمد اقبال جگسي تبسم پلي امام الدين سومرو ، عبدالحميد ورڻ ۽ ٻين چيو ته دنيا هن وقت سخت موسمي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي جنهن جون پاڙون سامراجي پاليسين ۽ عالمي طاقتن جي غير منصفاڻي معاشي حڪمت عملين ۾ پيل آهي. سامراجي قوتن ترقي پذير ملڪن جي زمين وسيلن ۽ ماحوليات کي پنهنجي لالچ ۽ نفعي خوري جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. سرمائيدار جي صنعتي ڍانچي ۽ ڪاربان جي وڌندڙ اخراج نہ فقط ڌرتي کي تباهي جي ڪناري تي آڻي ڇڏيو آهي پر هارين ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جي زندگين کي به خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جا هاري اڄ سڌي طرح موسمي تبديلين جي اثرن کي ڀوڳي رهيا آهن. ڪڏهن غير متوقع ۽ معمول کان وڌيڪ برساتون، ڪڏهن ڏڪار ۽ سخت گرمي جون لهرون، ۽ ڪڏهن بدترين ٻوڏون سندن محنت ۽ فصلن کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. ان جي باوجود هاري پنهنجي زمين ۽ زندگيءَ جي تحفظ لاءِ مزاحمت ڪري رهيا آهن. اهي نہ فقط زرعي نظام کي زنده رکڻ جي جدوجهد ۾ آهن پر سامراجي پاليسين جي خلاف پنهنجي آواز به مٽي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۾ تازي ٻوڏ سبب تقريبا هڪ هزار ماڻهو موت جي ورچڙي چڪا آهن جن ۾ 250 معصوم ٻار شامل آهن. هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا. تقريباً 12 هزار کان مٿي گهر مڪمل يا جزوي طور تي تباهه ٿيا آهن. لکين ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن. تازي ٻوڏ به پاڪستان ۾ اڳئين ٻوڏ وانگر زرعي شعبي کي سخت متاثر ڪيو آهي. لکين ايڪڙ زرعي زمين پاڻي هيٺ اچي وئي آهي. ڪيترن ئي ضلعن ۾ فصلون مڪمل طور تباهه ٿي چڪيون آهن.

اي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ٽر ڪول بلاڪ ٽو پهتي، آر او پلانٽ جو افتتاح

ٽر ڪول ۾ سي او آمر اقبال ۽ فرحان انصاري سان ملاقات، ڳوٺاڻن جي مسئلن تي غور ويچار

ٽر فائونڊيشن پاران آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو، پاڻي جي سهولتن ۾ بهتري جو اعلان

ڳوٺ وارن سان ملاقاتون ڪيون، انهن جا مسئلا ٻڌي حل لاءِ سي او کي هدايتون جاري ڪيون

مٺي (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ٿر ڪول بلاڪ ٽو پهچي سي او آمر اقبال ۽ فرحان انصاري سان ملاقات ڪئي ڪول ايريا ۾ ايندڙ ڳوٺن جي مختلف ماڻهن جي مسئلن تي ڳالهه ٻول ڪئي ڳوٺ پاٻوهر هاليپوٽا پهچي ٿر فائونڊيشن پاران ڏنل آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ۽ ڳوٺ وارن سان ملاقات ڪري مختلف ڳالهيون ٻڌي انهن تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ سي او کي هدايت ڪئي هننجا مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪئي ڳوٺ جيئندو درس پهچي ٿر فائونڊيشن آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ۽ مرتي ادرس جي دعوت ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي امام علي ڏيکو،فياض شيخ الله ڏنايو حاجاڻو حاميد ميهري ڊاڪٽر دليپ عرفان جوڻيجو، اعجاز فقير منيش ڪمار رتناڻي، منيش ڪمار ڏناڻي ساٿس گڏ هئا

يوسي فقير نوح هولياڻي کي هر مهيني ملندڙ فنڊ ڪرپشن جي نظر ٿرڻهاڻي ڪر ٿيا

سيڪريٽري ٽيڪيدار سان ملي ڀڳت ڪري ڪوڙيون بي سيون ناهي فنڊ هڙپ ڪرڻ لڳا

چيئرمين ۽ سيڪريٽري آفيس مان غير حاضر، عوام جا مسئلا حل نہ ٿيڻ سبب پريشان

ڪنڊيارو (ن ع) يوسي فقير نوح هولياڻي تي اندر ڪافي وقت کان وڏي پئماني تي ڪرپشن جو سلسلو هلندڙ هر مهيني 10 لک روپيا ملندڙ بجيٽ مان به عوام کي ڪوبہ رليف نہ مليو جڏهن ته انهي فنڊن مان ملازمن جي پگهار ڪڍي باقي ست لک روپيا بچت مان به هن وقت تائين ٽڪي جو ڪم نہ ڪرايو ويو انهي بچت واري رقم هڙپ ڪرڻ لاءِ هڪ فرضي ٽيڪيدار رضا علي ٿهيم سان ملي ڀڳت ڪري نلڪن توڙي سولر پليٽن ۽ صفائي جي سامان جون ڪوڙيون بي سيون ناهي فنڊ هڙپ ڪيا وڃن ٿا ته ٻئي پاسي صرف خانا پوري ڪرڻ لاءِ ڏهاڙي تي به ڀنگي رکي انهن کي ڳوٺن ۾ صفائي لاءِ موڪلي عوام کي بي وقوف ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته اهي ڀنگي وري ڳوٺاڻن کان صفائي جا پئسا وٺي بعد ۾ اتي صفائي ڪن ٿا اهڙي طرح اڪثر ڳوٺن اندر ڪچري جا ڍير هجڻ ڪري مڇرن جي آزار سبب ماڻهون مليريا ۾ مبتلا ٿي ويا مگر يوسي انتظاميا جي ڪن تي جون به نٿي سري ساڳئي طرح يوسي اندر عوام کي ٻن مهينن کان برٿ توڙي فوتي سرٽيفڪيٽ ملڻ به بند ٿي ويا جنهن جو وڏو سبب نادرا پاران يوسي جو اڪائونٽ بند هجڻ ٻڌايو پيو وڃي اهڙي طرح يوسي اندر عوامي مسئلا حل نہ ٿيڻ ڪري وائيس چيئرمين سميت ٻن ڪائونسلرن پاران استيعفائون ڏئي گهر هليا ويا مگر انهي باوجود يوسي انتظاميا ۾ سڌارو نہ اچي سگهيو سيڪريٽري سميت چيئرمين پڻ آفيس اچڻ لاءِ تيار ناهي آفيس ۾ هڪ چوڪيدار ۽ رٽائرڊ ڪلارڪ سندن پٽ کي ويهاري ماڻهن کان سرٽيفڪيٽن واري في جي نالي تي پنج سو کان هڪ هزار اوڳاڙي ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن جن جي ڪين ڪابہ رسيد به نٿي ڏني وڃي اهوئي سبب جو يوسي جي اڪائونٽ ۾ ڪيترن ئي سالن کان سرٽيفڪيٽن جي مد ۾ پئسا جمع نہ ڪرايا ويا عوام کان اوڳاڙيل فيس جي رقم پڻ هر مهيني هڙپ ڪئي وڃي ٿي اهڙي طرح اڄ هڪ ڳوٺاڻو سمر شاهه يوسي آفيس ۾ پهچي سرٽيفڪيٽن بابت پڇاڻو ڪيو مگر ڪين آهيو چئي واپس موڪليو ويو ته نادرا اڪائونٽ بند ڪري ڇڏيو ۽ سيڪريٽري پڻ نٿو اچي اسان جا ڪيون اهڙي طرح رابطي ڪرڻ تي چيئرمين ميهار سهتو جو چوڻ ته مونکي بدنام ڪرڻ لاءِ اڪائونٽ بند ڪرايو ويو آهي جيئن ماڻهن کي سرٽيفڪيٽ نہ ملي سگهن انهي سازش ۾ عملو پڻ ملوث آهي جن خلاف اختيارين کي آگاهه ڪيو آهي ۽ نادرا کي پڻ ليٽر لکيو ته جلد آءِ ڊي کولي وڃي اهڙي طرح عوام جا مسئلا حل ڪرائڻ جي هميشه ڪوشش ڪئي آهي .

دولتپور: قاضي احمد جي رهواسڻ جو پنهنجي سهري خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو

خيرپور ۾ سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي گڏجاڻي ٿي گذري

خيرپور (ڊ ر) سنڌي ادب ۾ نعت ۽ حمد تمام گهٽ لکجي ٿي ته سنڌ جو نئين ٽهيءَ جو شاعر نعت ۽ حمد لکڻ کي عيب ٿو سمجهي جڏهن ته اصل شاعري ئي الله ۽ ان جي حبيب جي واکاڻ لکڻ آهي اهڙن خيالن جو اظهار بهترين استاد وحيد ميمڻ سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي دستوري گڏجاڻي ۾ صدارتي راءِ ڏيندي سجاد ميراڻي جي نئين لکيل نعت تي ڪيو. گڏجاڻيءَ ۾ سجاد ميراڻيءَ چيو ته مان حمد ۽ نعت لکڻ کي پنهنجي لاءِ اعزاز ٿو سمجهان چاڪاڻ ته اهڙي بابرڪت شاعري ڪرڻ ئي دنيا ۽ آخرت ۾ نجات ۽ دلي سڪون جو سبب آهي گڏجاڻي ۾ اسد بلوچ ، سميع سجاد ، علي قليوٽي ، سعيد سنڌيءَ ۽ سارنگ ميراڻي ۽ ٻين شرڪت.

دولتپور ۾ قاضي احمد جي رهواسڻ جو پنهنجي سهري خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دولت پور صفن (ن ع) قاضي احمد جي گلزار مدينا مسجد ڪالوني جي رهواسي مسمات ظهيران ڌيءَ مير حسن جوڻيجو پنهنجي امڙ سان گڏ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته جمال شاهه جو رهواسي حاجي ميهر جوڻيجو جيڪو منهنجو سوهرو آهي جيڪو مون مٿان زبردست تشدد ڪندڙ هو جيڪو مونکي ڪي 3 مهينا بلوچستان وٺي گم ڪري ڇڏيو هو ۽ مون وڪرو ڪرڻ لاءِ ماڻهن سان رابطا ڪندو هو ۽ منهنجو مڙس جنسار ب تشدد ڪندڙ هو اهڙي عمل خلاف منهنجي امڙ ابي ڪورٽ جو در ڪڙڪايو ۽ عدالت سڳوري جي حڪم تي مون کي بازياب ڪرائي مائٽن حوالي ڪيو ويو آهي ان کان پوءِ هو غير ماڻهو وٺي اسان کي پريشان ڪندا رهن ٿا هر وقت غير ماڻهو ۽ پوليس وارا به اسان جي گهرن مٿان پهرا ڏئي رهيا آهن جڏهن ته اهڙو ڪيس نواب شاهه جي عدالت سڳوري ۾ هلندڙ آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته هو مونکي اغوا ڪرڻ چاهين ٿا هنن وڌيڪ چيو ته حاجي ميهر جوڻيجو منهنجي چاچن محمد حسين جوڻيجو وزير جوڻيجو گلبهار جوڻيجو سوٽ شهمير جوڻيجو کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اگر اسان کي ڪوبہ جاني مالي نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار حاجي ميهر ان جا پاٿر ۽ ان سان جيڪي به گڏ آهن ٿا اهي ذميوار هوندا آخر ۾ هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي ايس پي قاضي احمد ۽ ايس ايس او جمال شاهه ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته حاجي ميهر خلاف ڪارروائي ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڊيپلو ويجهو قتل ٿيل يوسف سمون جو ڪيس داخل، 4 گرفتار

مصري سمون جي فرياد تي صديق، صاحب، اشرف، تاج ۽ ابوبڪر تي ڪيس داخل ڪيو ويو

مٺي (ڊ ر) گذريل ڏينهن ڊيپلو جي ڳوٺ ڪرم علي سمان ۾ ٻڪري چوري جو الزام هڻي حملي دوران قتل ٿيل نوجوان يوسف سمون جي پيءُ مصري سمون جي فرياد تي ڊيپلو ٿاڻي تي 5 جوابدارن مٿان ڪيس داخل/4 گرفتار ڊيپلو پوليس ڳوٺ ڪرم علي سمان ۾ حملي دوران قتل ٿيل نوجوان يوسف جي پيءُ مصري جي فرياد تي صديق، صاحب، اشرف،تاج محمد ۽ ابوبڪر سمون مٿان ڊيپلو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ورتو4 جڻا گرفتار وارثن جو چوڻ آهي ته اسان نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي 5 ڄڻن مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪيو آهي، مان 4 ڄڻا گرفتار ڪري ورتا آهن هڪ جوابدار ابوبڪر جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن

دادو: پير مظهرالحق جي ڊاڪٽر قلندربخش کهڙو جي وفات تي وارثن سان تعزيت

دادو(ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر وزير پير مظهرالحق ۽ سندس پٽ پيرمعظم الحق کهڙو هائوس پهچي ڊاڪٽر قلندربخش کهڙو جي وفات تي سندس وارثن پٽ نور احمد ۽ ڀاءُ منصور احمد

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 13 نومبر 2025ع

27هين آئيني ترميم ۽ اُن جا مستقبل تي اثر!

پاڪستان جي سياست ۾ آئيني ترميمون هميشه حساس موضوع رهيون آهن تازو 27هين آئيني ترميم ڪري پيدا ٿيل سياسي ماحول انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ اضافي ترميمن جي پيشڪش حڪومت ۽ اپوزيشن جون الڳ فهرستون ۽ سينيٽ ۾ اجلاس جو شيڊول هڪدم تبديل ٿيڻ اها ڳالهه ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ جي آئيني ڍانچي ۾ اهڙا ڪي تبديليون متوقع آهن ترميم ۾ آرٽيڪل 6 ۾ ممڪن ترميم ۽ عدالتي اختيارن سان لاڳاپيل معاملا خاص توجهه طلب آهن. رپورٽن موجب 27هين آئيني ترميم ۾ اضافي ترميمون قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيون ويون آهن حڪومت پاران ڪجهه ترميمون شامل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته اپوزيشن جون 11 ترميمون پڻ ايجنڊا ۾ شامل آهن ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته پارليامينٽ ۾ تفصيلي بحث جو امڪان آهي. انهن ترميمن ۾ بغاوت سان لاڳاپيل آرٽيڪل 6 جي شق 2 A ۾ ممڪن تبديليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد آئيني تحفظ ۽ قانوني تشريح کي مضبوط ڪرڻ آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته سپريم ڪورٽ سان گڏ وفاقي آئيني عدالت جو نالو پڻ شامل ڪيو ويندو. جيئن ڪنهن به آئيني خلاف ورزي يا بغاوت واري عمل جي تصديق عدالتن پاران نه ٿي سگهي.

هي سٽون لکڻ وقت قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوريءَ جو عمل جاري هو جڏهن ته اپوزيشن اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو. اجلاس دوران وزير قانون جو چوڻ هو ته بار ڪائونسل ۽ ايسوسيئيشن جي مشاورت ڪانپوءِ چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه ابهام هو چاڪاڻ ته پهرين لکيل هيو ته جيڪو سڀ کان سينيئر هوندو اهو ڪميشن ڪي چيئر ڪندو. هن چيو ته انهيءَ ابهام کي دور ڪرڻ لاءِ ڪجهه ترميمون متعارف ڪرايون ويون آهن. جنهن سان وڌيڪ واضح ٿيندو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس پاڪستان رهندو. ترميم ۾ سڀ کان اهم موضوع آرٽيڪل 6 جي شق 2 A آهي، جنهن ۾ بغاوت يا آئيني خلاف ورزي جي قانوني حيثيت ۽ عدالتن جي اختيارن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي وفاقي آئيني عدالت، سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ ڪنهن به اهڙي عمل جي تصديق نه ڏينديون. جيڪو ڏيلي شق 1 يا 2 ۾ بيان ٿيل هجي. وزير قانون چيو ته آرٽيڪل 239 موجب آئين ٺاهڻ جو اختيار پارليامينٽ وٽ آهي ۽ آئيني عدالت کي آئين ٻيهر لکڻ جو اختيار حاصل ناهي.

27هين آئيني ترميم کي پاڪستان جي آئيني ۽ سياسي منظرنامي ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت ۾ ڏٺو پيو وڃي. بغاوت جي قانون عدالتي اختيارن ۽ آئين جي بالادستيءَ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر ان سان گڏ سياسي ۽ قانوني پيچيدگيون پڻ پيدا ٿي رهيون آهن. اسين نٿا چئون ته هن وقت جيڪي دليون ترميم جي حق ۾ بيان ڏئي رهيون آهن اُهي مستقبل ۾ هلي پنهنجن اُنهن بيانن تي قائم رهنديون يا سندن موقف ۾ ڪا تبديلي ايندي. هونئن ڏٺو اِهو ئي ويو آهي ته پارليامينٽ جو حصو رهندڙ ڌريون ڪڏهن مصلحت ته ڪڏهن وري مفادن تحت پنهنجا فيصلا ڪنديون رهنديون آهن هِن عمل جو فيصلو به ڀاڻ تاريخ تي ڇڏيون ٿا، جيڪا واضح ڪندي ته موجوده حڪمرانن آئين کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو يا اُن کي ڪمزور ڪيو؟ بهرحال آئيني ترميم جو اهو عمل ڏيکاري ٿو ته پاڪستان ۾ آئيني تحفظ ۽ پارليامينٽ جي اختيار جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ ڪيترو ڏکيو آهي ۽ مستقبل ۾ آئيني ادارن جي ڪردار تي ان جا اثر به محسوس ڪيا ويندا. پارليامينٽ، حڪومت ۽ عدليه هڪٻئي سان تعاون ڪن ۽ گڏجي ڪم ڪن جيئن ملڪ جو آئيني ڍانچو مضبوط رهي ۽ جمهوريت قائم رهي. 27هين آئيني ترميم جو عمل ڏيکاري ٿو ته آئيني ادارن ۽ قانون سازي جي وچ ۾ توازن ۽ تعاون ڪيڏو اهم آهي. اهو ئي ملڪ جي استحڪام، قانون جي حڪمراني ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ بنيادي شرط آهي.

آئين تي وار!

زاهد حسين

جارج آرويل پنهنجي مشهور ڪتاب '1984' ۾ لکي ٿو ته: "اڳواڻن توهان کي چيو ته جيڪي توهان پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ٻڌو اُن تي يقين نه ڪريو. اها نهايت اهم هدايت آهي."

پاڪستان پنهنجي ماضيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي، جتي آمرن آئين کي يا ته معطل ڪيو يا مڪمل طور ختم ڪري ڇڏيو. جنرل ضياءالحق ته ايستائين چوندو هو ته "آئين هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو آهي، جنهن کي آئون ڪنهن به وقت ڦاڙي سگهان ٿو."

هي قول اُن تڪبر ۽ غرور جي علامت هو جيڪو اقتدار سان گڏ اچي ٿو- ۽ اهو ئي رويو هو جنهن سان 1973ع ۾ چونڊيل پارليامينٽ پاران منظور ٿيل قومي آئين کي گهٽ سمجهيو ويو. 1988ع ۾ ضياءالحق جي جهاز حادثي ۾ موت کان پوءِ آئين ڪجهه ترميمن سان بحال ڪيو ويو.

جنرل پرويز مشرف به آئين کي هڪ ڀيرو نه، ٻه ڀيرا معطل ڪيو- پهريون ڀيرو 1999ع ۾، ۽ ٻيهر 2007ع ۾. ٻئي ڀيري سندس عمل کي قانوني تحفظ نه مليو، پر هو ڪجهه مهينا وڌيڪ اقتدار تي رهيو. پوءِ آئين ٻيهر بحال ٿيو.

اصل ڳالهه اها آهي ته اهي فوجي حڪمران به آئين سان ايترو ظلم نه ڪري سگهيا، جيترو هينئر هڪ اهڙي پارليامينٽ ڪيو آهي، جنهن جي مينڊيٽ تي عوام اڳ ۾ ئي سوال ڪڙا ڪيا آهن. جتي 26هين ترميم حڪومت جي ٽنهي شاخن جي وچ ۾ طاقت جو توازن بگاڙي ڇڏيو هو، اُتي 27هين ترميم آئين کي عملي طور دفن ڪري ڇڏيو آهي. آخري رسمون 'بگ برادر' جي نگرانيءَ هيٺ جلديءَ ۾ ادا ٿي رهيون آهن - ۽ هي شايد اسان جي آئيني تاريخ جو سڀ کان اونداهو لمحو آهي.

اهو منظر جڻ ڪنهن ڪنڊ ۾ لڳل پتلي تماشي جهڙو هو- جتي هڪ کان پوءِ ٻيو قانون ساز ترميم جي حمايت ۾ ٻيهي تقريرون ڪندو رهيو بنا اِهو سوچڻ سمجهڻ جي ته ڪنهن انهن کان راءِ پڇي هئي. جڏهن ووٽ ڏيڻ جو وقت آيو ته بغير مسودو پڙهڻ جي 'ها' جو نعرو هڻڻ ئي بس هو. جيئن سندن پارٽي اڳ ۾ حڪم ڏنو هو. انهن مان ڪيترائي ساڳيا چهرا هئا، جن ضياءالحق ۽ مشرف جي دور ۾ به آئين ۾ ترميمن لاءِ ووٽ ڏنو هو. سينيٽ ۾ به ترميم منظور ڪرائڻ لاءِ حڪومت مخالف بئنچن مان ڪجهه منحرف ميمبرن کي پنهنجي پاسي آندو ويو. ڪنهن کي ياد ڏيارڻ جي ضرورت ناهي ته اهو سڀ ڪيئن ٿيو.

اپوزيشن جي هڪ جماعت اڳ ئي پنهنجن ڪيترن ئي ميمبرن جي نااهليءَ سبب ٽُٽل هئي ۽ باقي ڪجهه کي دهشتگرديءَ جي عدالتن مشڪوڪ مقدمن ۾ سزا ڏني- اهڙيءَ صورتحال ۾ انهن وٽ پارليامينٽ جي ووٽ کان بائيڪاٽ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو رستو نه هو.

هاڻي 26هين ترميم کان پوءِ عدليه جي جيڪا ٿوري آزادي بچي هئي، اها به ختم ٿي وئي آهي. حڪومت تي سول ڪنٽرول پڻ متئجي چڪو آهي. 27هين ترميم ملڪ کي هڪ 'پرايٽورين اسٽيٽ' بڻائڻ لاءِ قانوني تحفظ فراهم ڪري ٿي.

هاڻي آرمي چيف کي غيرمعمولي اختيار ملي ويا آهن. ڪيس هن سال مئي ۾ ڀارت سان 4 ڏينهن واري مختصر جهيڙي جي قيادت ڪرڻ تي فيلڊ مارشل جو عهدو ڏنو ويو. ۽ هاڻي ڪيس مڪمل قانوني استثنا حاصل آهي- يعني ڪيس نه ڪو سزا ڏئي سگهي ٿو ۽ نه ئي سندس مدتِ ملازمت کي چئلينج ڪري سگهجي ٿو بلڪ پنج سال وڌيڪ واڌ به ملي آهي.

هي تاحيات استثنا صرف فوجي سربراهن تائين محدود ناهي پر صدر تائين پڻ وڌائي وئي آهي. اِئين ڪنهن به جمهوريت ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اها نه صرف جمهوري اصولن جي توهين آهي، پر قانون جي حڪمرانيءَ جي به پيڇڪڙي آهي.

جمهوري ملڪن ۾ چونڊيل اڳواڻن کي به اهڙي استثنا حاصل ناهي- پر پاڪستان ۾ 27هين ترميم کان پوءِ هو به پنهنجن غيرقانوني عملن کان مڪمل طور محفوظ ٿي ويا آهن.

قومي اسيمبليءَ ۾ ترميم تي ٿيندڙ بحث ڏسڻ جوڳو هو: وزير ۽ حڪومتي ميمبر پنهنجين تقريرن جي شروعات ذوالفقار علي ڀٽو جي ساراهه سان ڪندا رهيا ۽ پوءِ اها به دعويٰ ڪندا رهيا ته هيءَ ترميم "جمهوريت کي وڌيڪ مضبوط" ڪندي. پر آئين جي روح کي ماري ڇڏڻ بعد جمهوريت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جا راڳ ڳائڻ انهن سياستدانن جي عمل تي حيرت نه ٿيڻ گهرجي. ڇا اسان اهڙن ڪٺ پتلي اڳواڻن کان ڪا بي اميد رکي سگهون ٿا؟

اهي سڀ ڄاڻن ٿا ته سندن ايوان ۾ موجودگي ڪن مخصوص حلقن جي مهرباني سان آهي. ترميم سينيٽ ۾ پيش ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مون مسلم ليگ (ن) جي هڪ سينيئر اڳواڻ کان پڇيو جيڪو اڳ ڪيترن ئي وزارتن تي رهي چڪو هو. حيرت انگيز طور، ڪيس ترميم جي شقن بابت ڪا ڄاڻ ئي نه هئي، ۽ هو يقيناً اڪيلو نه هو. ڪيترن وفاقي وزيرن به خانگي طور تسليم ڪيو ته ڪين ڪنهن به مشاورت ۾ شامل ئي نه ڪيو ويو هو. ترميم جي مسودي تي جيڪا رازداري رکي وئي، انهيءَ پسمنظر ۾ اهو بلڪل عجيب نه لڳو.

جڏهن اهو سڀ ڪجهه پارليامينٽ مان جلدبازيءَ سان منظور ڪرايو ويو ته هاڻي ڪجهه به لڪيل نه رهيو. هي آهي اسان جي 'نام نهاد جمهوريت' جي اصلي حالت، جيڪا چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ ٽريبوار جوڙجڪ سان پيدا ڪئي وئي. هن سموري صورتحال ۾ سڀ کان مايوس ڪندڙ ڪردار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو رهيو. حڪومتي اتحاد جو حصو هوندي به پارٽي وزارت نه ورتي، پر پوءِ به آئين جي تباهيءَ ۾ ان جو اهم ڪردار رهيو. جڏهن پيپلز پارٽيءَ جا قانون ساز جمهوريت لاءِ پارٽيءَ جي قربانين جو ذڪر ڪندي آئين جي حرمت جو واعظ ڪندا رهيا، تڏهن اهي ڳالهيون بلڪل بي معنيٰ لڳيون. شڪ ناهي ته پيپلز پارٽي ماضيءَ ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، پر هينئر واري قيادت پنهنجي سياسي وراثت سان دوکو ڪيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري آئين ۾ ترميمن، خاص طور تي 'آئيني عدالت' جي قيام جو دفاع ڪندي چيو ته اهو 'ميثاقِ جمهوريت' جو حصو آهي. جيڪو 2006ع ۾ پي پي پي ۽ ن ليگ وچ ۾ طئي ٿيو هو. پر سندس دليل بي معنيٰ آهي. ميثاقِ جمهوريت جو مقصد ته سول حڪمرانيءَ کي مضبوط ڪرڻ ۽ آئين جي حفاظت آهي- جڏهن ته 27هين ترميم اُن جي هر نڪتي جي پيڇڪڙي ڪندي ملڪ کي آمرانہ حڪمرانيءَ ڏانهن ڌڪي رهي آهي. هاڻوڪي اڳواڻن کي تاريخ ماضي جي اڳواڻن کان بلڪل مختلف انداز ۾ پرکيندي.

هاڻي وڏو سوال اهو آهي ته ڇا سپريم ڪورٽ آئين ۽ عدليه جي بچيل آزاديءَ لاءِ ڪجهه ڪندي؟ بدقسمتي سان، هن نئين ترميم رياست جي اتحاد کي به ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

(ڊان نيوز جي ٿورن سان)

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کي ٻوڏ متاثرن جي اپيل!

اسان غريب ٻوڏ متاثر اوهان جا شڪرگذار آهيون ته اوهان اسان لاءِ ڏکئي وقت ۾ جڳهيون مهيا ڪرايون، جتي اسان پنهنجي ٻچن سميت زندگي ٻيهر شروع ڪئي. پر ڏک سان عرض آهي ته هاڻ ڪجهه بااثر ماڻهو اسان جي انهن جڳهين تي زوري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي اسان کي ڌمڪائين ٿا ته جيئن اسين پنهنجا جهڳا ڇڏيون. اوهان اسان جي آخري اميد آهيو. اسان اوهان کان اپيل ٿا ڪريون ته مهرباني ڪري ترت قدم کنيو وڃي ته جيئن هي بااثر ماڻهو قبضا نه ڪري سگهن ۽ اسان غريب ماڻهن کي امن سان رهڻ ڏنو وڃي. اسان کي يقين آهي ته اوهان غريبن سان انصاف ضرور ڪندا. **(ٻوڏ متاثر: ڳوٺ سائين بخش مگسي، تعلقہ سعيد آباد ضلعو مٽياري)**

لاڙڪاڻو شهر جي ڪوثر مل اسڪول جي عمارت ڪڏهن ٺهندي؟

لاڙڪاڻو شهر جي وچ ۾ وڏين آبادين وارن علائقن ايوب ڪالوني، صديقي ڪالوني، ڪوثر مل محلي، رسول آباد محلي، بروهي پاڙي، لهر ڪالوني، عارباڻي پاڙي، سيد ڪرم شاهه محلي ۽ نادرا آفيس سميت ٻين علائقن ۾ سوين ٻارڙن جي تعليم جو ڳڙهه گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪوثر مل هڪ وڏي عرصي کان عمارت جي ڇت جا بار بار ڇاپڙ ڪرڻ زبون حال سبب سال 2021ع کان ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران خطرناڪ قرار ڏيڻ بعد هن سالن کان اسڪول جو ڪم سُست رفتاريءَ سان هلي رهيو آهي. ايترا سال اسڪول نه ٺهڻ سبب مذڪوره علائقن جا سوين معصوم ٻارڙا تعليم جي زيور کان جڻ ته متاثر بڻجي ويا آهن ۽ شاگردن توڙي شاگرديائين جي والدين بار بار تعليم کاتي انتظاميہ کي درخواستون ۽ اپيلون ڪيون آهن ته به ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو آهي ۽ سالن جا سال گذري ويا آهن پر اسڪول جي عمارت زبون حال بهتر ڪري اسڪول جي عمارت ۾ تعليمي تدريسي عمل شروع نٿو ڪيو وڃي. اسان ڪوثر مل محلي، لهر ڪالوني، ايوب ڪالوني، صديقي ڪالوني ۽ ٻين علائقن جا رهواسي وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه، تعليم واري سيڪريٽري زاهد علي خان عباسي ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي ڊائريڪٽر اسڪولز ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کي گذارش ڪري رهيا آهيون ته لاڙڪاڻو شهر جي سوين شاگردن ۽ شاگرديائين جي تعليمي تدريسي عمل شروع ڪرائڻ لاءِ فوري طور تي ڪوثر مل پرائمري اسڪول جي عمارت کي درست تعميراتي ڪم ڪندي هلايو وڃي ۽ لاڙڪاڻو ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ انهيءَ عمل ۾ سُست رفتاري يا ڪاهلي اختيار ڪرڻ بجاءِ عملي طرح اسڪول ڪوثر مل کي هلائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن خدارا ڪوثر مل محلي جي واحد پرائمري اسڪول جي عمارت کي مڪمل طور تي تعمير ڪرائي واش روم، ٽُٽل ڦٽل دَر دريون، ڪهٽ، بجلي نظام، سولر سسٽم بهتر بڻائي فوري طور تي اسڪول جي عمارت ۾ پڙهائيءَ جي عمل کي شروع ڪرايو وڃي. جيئن سوين معصوم ٻارڙن جو مستقبل محفوظ بڻجي سگهي ۽ سنڌي قوم تعليم جي عظيم نعمت مان مستفيق بڻجي سگهن. هونئن به تعليم واري وزير جو نعرو آهي ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" ان لاءِ اسڪول گذريل 5 سالن کان بند آهي،جنهن کي فوري طور تي کوليو وڃي ته جيئن تعليمي عمل باضابطا طور تي اڳتي هلڻ لڳي.

(غلام رسول عطاري لاڙڪاڻو)

ڪرو مهرباني تم اهلِ زمين پر..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار

هر سال وانگر اڄ 13 نومبر تي سڄي دنيا ۾ انسانيت سان پريور دل رکندڙ ماڻهو 'مهربانيءَ جو عالمي ڏينهن' ملهائي رهيا آهن. هن ڏينهن جو مقصد اِهو آهي ته اڄ جي هن خود غرضي ۽ نفسانفسيءَ واري دور ۾، نسل، رنگ، قوم، زبان ۽ هر قسم جي فرقن کان مٿانهون ٿي، ماڻهن ۾ همدردي، نرمي، محبت ۽ ڀلائيءَ جو جذبو وڌائجي. تاريخي طور تي هن عالمي ڏينهن جي شروعات لڳ ڀڳ 27 سال اڳ ٿي، جڏهن جاپان، ڪينيڊا، آسٽريليا، متحده عرب امارات، آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جون فلاحي ۽ سماجي تنظيمون گڏ ٿيون. انهن گڏجي (World Kindness Day) جي نالي سان هڪ عالمي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته دنيا جي مختلف سماجن ۾ رهندڙ ماڻهن کي مهرباني ۽ انسانيت جي عالمي رشتن سان هڪ ٻئي جي ويجهو آندو وڃي. ان گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته هر سال 13 نومبر جو ڏينهن انسانيت ۽ مهربانيءَ جي واداري لاءِ وقف ڪيو ويندو. اڄ هي ڏينهن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي. هن موقعي تي اسڪول، يونيورسٽيون، سماجي تنظيمون ۽ درد ڀريو دل رکندڙ ماڻهو مختلف فلاحي سرگرميون ڪن ٿا. جيئن غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، ٻين سان چڱائي ڪرڻ ۽ معاشري ۾ خيرخواهي جو پيغام پهچائڻ. ڪٿي مفت کاڌو ورهايو وڃي ٿو ته ڪٿي ماڻهن کي محبت ۽ گڏجي رهڻ جو پيغام ڏنو وڃي ٿو جيئن دنيا مان نفرت ۽ خودغرضي گهٽجي ۽ انسانيت جو احساس ٻيهر زنده ٿئي. ڪٿي رت جا عطيا ڏنا وڃن ٿا ته ڪٿي معذورن ۽ بزرگن لاءِ خاص پروگرام منعقد ڪيا وڃن ٿا. شڪ ناهي ته اڄ اسين هڪ اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون، جتي انسان وٽ سڀ سهولتون، جديد ايجادون ۽ آرام جون شيون موجود آهن. پر افسوس سان چوڻ گهرجي ته اهو به سچ آهي ته انسان جي دل مان مهرباني، نرمي ۽ احساس آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي. هر ڏينهن اهڙيون ڏکوئيندڙ ۽ انسانيت سوز خبرون سامهون اچن ٿيون، جن کي پڙهي يا ٻڌي، هر حساس ۽ درد ڀريو دل رکندڙ ماڻهو جو وجود لرزجي ٿو پوي. اڄ جي 21هين صديءَ ۾ معاشرو ته ظاهري طور ضرور ترقي ڪري رهيو آهي، پر افسوس سان چئجي ٿو ته انسانيت زوال جو شڪار ٿي چڪي آهي. مون دنيا جي تقريباً سڀني مذهبن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته سڀني مذهبن جي بنيادي تعليم هڪ جهڙي آهي يعني انسانيت، رحم دلي ۽ مهرباني. الله تعاليٰ پنهنجي آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآلہ وسلم کي 'رحمت اللعالمين' يعني سڀني جهانن لاءِ رحمت قرار ڏنو. نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہ وسلم فرمايو ته جيڪو ٻين تي رحم نٿو ڪري، الله به ان تي رحم نٿو ڪري. اوهان پنهنجي دشمنن سان به نرمي، درگذر ۽ معاف ڪرڻ جو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪڏهن به ڪنهن لاءِ بُرو نه سوچيو.

ساڳي طرح هندو ڌرم ۾ به 'اهنسا' يعني عدم تشدد جو اصول آهي. جنهن موجب ڪنهن به جاندار انسان، جانور يا پکين کي تڪليف ڏيڻ وڏو گناهه سمجهيو وڃي ٿو. ڀگوت گيتا ۽ ويدن ۾ اهو سبق ڏنو ويو آهي ته انسان کي سڀني سان احترام، نرمي ۽ شفقت سان پيش اچڻ گهرجي. هندو ڌرم جي 'ڪرما' واري فلسفي مطابق، جيڪو ماڻهو ٻين سان چڱائي ڪندو آهي، تنهن کي خالق ۽ مالڪ ان نيڪيءَ جو ڦل ڪيترائي ڀيرا وڌائي واپس ڏئي ٿو. ڪرسچن مذهب جي تعليم مطابق، جيڪڏهن ڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ ڳل تي ٿپڙ هڻي، ته ان کي ٻيو ڳل به پيش ڪرڻ گهرجي. يعني انتقام بدران صبر برداشت ۽ محبت اختيار ڪرڻ گهرجي. گوتم ٻڌ به پنهنجن پوئلڳن کي اهو سيکاريو ته جيڪڏهن توهان دنيا ۾ امن ۽ سڪون سان رهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ سڀني جاندارن، انسانن، جانورن ۽ پکين لاءِ پنهنجي دل ۾ محبت ۽ همدردي پيدا ڪريو. جين ڌرم جا پوئلڳ رڳو انسانن سان نه، پر سڀني جيئرن جاندارن سان، ايتري تائين جو ننڍن ڪيڙن ماڪوڙن کي به ڪو نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا. بابا گرو نانڪ جي ديو چيو هو ته جيڪو ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي، اهو ئي سچو انسان آهي. جڏهن اسان ڪنهن تي مهرباني ڪريون ٿا ته اصل ۾ اسان مالڪ جي بيشمار رحمتن ۽ برڪتن جي ويجهو ٿي وڃون ٿا. مهرباني هڪ اهڙو روحاني فريضو آهي جيڪو انسان کي صفائي، سڪون ۽ نجات ڏانهن وٺي وڃي ٿو منهنجي نظر ۾ مهرباني رڳو ڪنهن لفظ يا عمل تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر اها اوهان جي شخصيت جي هر پاسي مان ظاهر ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن پوڙهي يا معذور ماڻهوءَ کي روڊ پار ڪرائڻ ۾ مدد ڪريو ٿا، ته اها به مهرباني آهي. جيڪڏهن ڪو اوهان سان بدتميزي ڪري ۽ اوهان چپ ٿي وڃو ته اهو به مهربانيءَ جو عمل آهي. جيڪڏهن اوهان گاريون نه ٿا ڏيو ۽ پنهنجن لفظن ۾ نرمي رکون ٿا، ته اهو به مهرباني آهي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن جي ساراهه ڪريو، ڪنهن کي حوصلي جا لفظ ڏيو يا ڪنهن کان انتقام وٺڻ جي طاقت رکندي به ڪيس معاف ڪريو ته اهي سڀ ڪم مهربانيءَ جون صورتون آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پاڪستان جهڙن معاشرن ۾ مهرباني، نرمي ۽ احساس جو فقدان وڌندو پيو وڃي. گذريل سال جڏهن مون کي هڪ ڏاڍو خوفناڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو، تڏهن مون کي تمام گهڻو احساس ٿيو ته روڊ تي جيڪڏهن ڪو ماڻهو زخمي پيو هجي، ته ماڻهو ٻيهي تصويرون ته ناهي وٺن ٿا، پر مدد ڪرڻ لاءِ ڪو اڳتي نٿو اچي. ماڻهو پنهنجي مصروفيتن ۾ گم آهن، پر ڪنهن سان به همدرديءَ وارا لفظ ڳالهائڻ لاءِ به وقت نٿا ڪڍن. اسان جي سياست مان به مهرباني، نرمي ۽ احترام جو پاسو مڪمل طور غائب ٿي ويو آهي. مون ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو جو ته اتي سياسي اڳواڻ هڪ ٻئي تي الزام تراشي، تذليل ۽ نفرت ڀريل ٻولي استعمال ڪرڻ کي عام ڳالهه بڻائي ڇڏيو آهي. اهو ئي اسان جي سماج جو سڀ کان ڏکيو خال آهي. جنهن کي پُر ڪرڻ لاءِ مون ٿرپارڪر جي پسمانده علائقي ۾ 'پريم نگر' جو بنياد رکيو آهي. جيڪو منهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويو آهي. وانڪواڻي خاندان جي 110 ايڪڙ تي ٻڌل هيءَ فلاحي منصوبو جلد پاڪستان ۾ ڀلائي، همدردي ۽ انسانيت جو زنده مثال بڻجندو هتي يتيم ٻارن، پوڙهن، معذورن، بيواهن ۽ ٻين مستحق ماڻهن لاءِ عزت سان رهڻ جا شيلٽر مهيا ڪيا ويندا. مون تعليم، صحت ۽ باعزت روزگار جي منصوبن ذريعي انهن پسگردائي وارن ماڻهن کي ڪارآمد ۽ ذميوار شهري بڻائڻ لاءِ مڪمل روڊ ميپ تيار ڪيو آهي. پريم نگر جي اسڪولن ۽ ادارن مان پڙهي نڪرندڙ شاگرد ۽ فائدو وٺندڙ ماڻهو انساني خدمت جي جذبي سان ڀرپور هوندا. منهنجي سرپرستيءَ هيٺ پاڪستان هندو ڪائونسل طرفان 'سيوا سيچردي' جي نالي سان هفتيوار مهم هلائي پئي وڃي، جنهن جو مقصد ماڻهن ۾ ڀلائي، همدردي ۽ مهرباني جا جذبا جاڳائڻ آهي. اچو ته عالمي مهربانيءَ جي ڏينهن تي اهو واعدو ڪريون ته اسان ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪنداسين، ڏکين دلين کي تسلي ڏينداسين ۽ انسانيت جي خدمت ڪنداسين. جيڪڏهن اسان مهرباني کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي وٺون ته يقيناً سماج مان انتقام، ڏاڍائي، ڏوهه ۽ ڪاوڙ جهڙا منفي رويا ختم ٿي سگهن ٿا. برداشت ۽ ڳالهه ٻولهه جي فضا پيدا ٿيندي ۽ اسان جي ڌرتي امن جو گهوارو بڻجي ويندي.

ڪرو مهرباني تم اہل زمیں پر، خدا مہرباں ہوگا عرش بریں پر---!

اسلام آباد ۾ دهشتگرديءَ جو واقعو، سيڪيورٽي تي سخت ڪئي وڃي!

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان اهو ملڪ آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ قربانين جو رت پيل آهي جنهن جي هوا ۾ شهيدن جي خوشبوءِ آهي ۽ جنهن جو وجود قربانيءَ سان جڙيل آهي. اهو اڄ به پنهنجي ماضيءَ جي سچائي ايمان ۽ حوصلي سان زنده آهي پاڪستان جنهن هزارين نه پر لکين قربانيون ڏيڻ بعد جنم ورتو، جنهن جي هر ڪنڊ ۾ ڪنهن نه ڪنهن شهيد جو نالو لکيل آهي پاڪستان جنهن جو هر ورق قربانيءَ جي ڳاڙهي لڪير سان لکيل آهي. جنهن جي هوا ۾ آزاديءَ جي رت جي خوشبوءِ شامل آهي.

پاڪستان جيڪو قربانيون ڏيڻ سان اُڀريو، رت جي رستن تي آزاديءَ جو گُل ٽڙيو اڄ به پنهنجي شهيدن جي ياد سان سرسبز ۽ شاد ۽ آباد آهي پاڪستان جيڪو قربانين جي ڪهاڻيءَ مان نڪتل هڪ حقيقت آهي، جنهن جي قيام لاءِ هزارين زندگيون قربان ٿيون. اڄ به ساڳين قربانين جي ڇانوَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ جي حفاظت ڪري رهيو آهي هي ملڪ ڪنهن نعري يا اقتداري خواهش سان نه پر هزارين اميدون ٽٽڻ قربانيون ڏيڻ ۽ رت وهائڻ بعد ٺهيو پاڪستان جو قيام هڪ خواب هو جنهن کي حقيقت بڻائڻ لاءِ ماڻهن پنهنجا گهر پنهنجا پيارا پنهنجون زندگيون قربان ڪيون ان وقت هر طرف باهه، لُٽمار ۽ رت هو پر انهن ماڻهن جي زبان تي هڪ ئي نالو هو يعني پاڪستان

1947ع ۾ ملڪ پنهنجي قيام کان پوءِ نئين تاريخ لکڻ شروع ڪئي پر آزاديءَ جي فضا ۾ امن جو احساس لمحي لمحي سان چيلنج ٿي رهيو هو ڪيتري ئي عرصي تائين اسان جي پاڪ فوج جي جوانن توڙي آفيسرن ۽ شهرين جون هزارين زندگيون قربان ڪيون آهن سرحدي جنگيون، سياسي بحران ۽ اندروني انتشار باوجود پاڪستان پنهنجي وجود کي بچايو آهي پر امن جو خواب اڃان تائين خطرن سان ڀريل آهي 1980ع واري ڏهاڪي کان افغانستان ۾ شروع ٿيل جنگ جو اثر پاڪستان جي سرحدن تائين پهتو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هتان جا نوجوان افغانستان جي محاذ تي جنگ ۾ حصو وٺڻ لڳا ۽ ساڳئي وقت ملڪ ۾ اندروني شدت پسندي ۽ انتهاپسنديءَ پيدا ڪئي وئي پاڪستان گذريل ڪيترن ئي سالن کان اندروني دهشتگرديءَ سان وڙهي رهيو آهي، خاص طور تي 2001ع کان پوءِ دهشتگرديءَ جي صورتحال تمام گهڻي سنگين ٿي وئي پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول تي حملو ٿيو ڪوئيٽا ۾ پوليس اڪيڊميءَ ۾ ڌماڪو ٿيو، لاهور ۾ ڏاتا دربار تي خودڪش حملو ٿيو مستونگ ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ حملا ٿيا، اهي سڀ واقعا پاڪستان جي تاريخ ۾ رت سان لکيل آهن هر حملي صرف شهيد نه آندا پر قوم جي دلين تي زخم ڇڏي ويو پر انهن سڀني زخمن جي باوجود پاڪستان ڪڏهن به جُهڪيو نه پر هر شهيد جي رت سان ٻيهر مضبوط ٿيندو رهيو.

ايتروئي نه پر دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج پوليس ۽ عوام گڏجي بيٺل رهي ۽ اڄ ڏينهن تائين گڏ بيٺل آهي هزارين جوان شهيد ٿيا پر وطن جي حفاظت جو عزم برقرار رهيو انهن جوانن جو رت مٽيءَ ۾ مليو ان کي وڌيڪ زرخيز بڻايو پر امن اڃا مڪمل نه ٿي سگهيو، چو ته دشمن جون ڳجهيون سازشون ۽ اندروني عدم استحڪام دهشتگرديءَ کي وڌائيندو رهيو اهڙوئي ڪجهه اسان کي به ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ خودڪش ڌماڪو ٿيڻ جي صورت ۾ نظر آيو اسلام آباد واقعو به انهن سڀني واقعن جي تسلسل جو حصو لڳي رهيو آهي، جيئن ماضيءَ ۾ ٿيندو رهيو آهي وفاقي گاديءَ واري هنڌ هڪ ڀمبار پنهنجو پاڻ کي ڌماڪي سان اُڏائي ڇڏيو، پوليس جي شروعاتي جاچ موجب جوڊيشل ڪمپليڪس جي ويجهو ٿيندڙ ڌماڪي ۾ موقعي تي ئي 12 بيگناهه شهيد ٿي ويا ۽ 20 کان مٿي زخمي ٿيا پيا وجن جن مان ڪيترن جي حالت نازڪ آهي ڌماڪي جي زور سان عمارتن جا شيشا ٽٽي پيا، روڊ تي موجود ڪار، موٽرسائيڪل ۽ ٽرڪ سڙي وئي ۽ ماڻهن ۾ خوف جو ماحول پکڙجي ويو جڏهن ته زخمين ۾ وڪيل، پوليس اهلڪار، فوڊ ڊليوري رائيڊر ۽ عام شهري شامل آهن حملي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون پهچي ويون پر ڪيترا ئي زخمي اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي شهيد ٿي ويا. اسلام آباد ۾ پيش آيل اهو واقعو صرف انساني زندگيءَ تي حملو نه هو پر اهو ملڪ جو انتظامي نظام، قانون ۽ جمهوريت تي پڻ وار هو اهي ئي رستا، جن تي وڪيل قانون جا ڪتاب کنيو پيا هلندا هئا، اڄ رت سان ڀرجي ويا. اهي ئي دروازا جتان انصاف جي اُميد جا لفظ نڪرندا هئا، اڄ بارود جي دونهين ۾ لڙهي ويا. اهو منظر ڏسي پاڪستاني عوام جو دل ٿيريءَ سان ڌڙڪڻ لڳو پر تاريخ سبق ڏئي ٿي ته هيءَ قوم هر ڀيري زخمن کان پوءِ مضبوط ٿي بيٺي آهي اسلام آباد ۾ پيش آيل واقعو انهن سڀني شهيدن جي قربانين جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿو، جن پنهنجي قربانيءَ سان ملڪ کي محفوظ رکيو هو.

دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ صرف هٿيارن سان نه پر سوچ سان به وڙهڻي آهي انتهاپسنديءَ جي زهر کي تعليم، رواداري ۽ محبت سان ختم ڪرڻو پوندو جڏهن ذهن آزاد ٿيندو، جتي سوچ ۽ فڪر جي پرورش ٿيندي، تڏهن ڪو به ڀمبار اسان جي ملڪ ڏانهن ميري اک کڻي نه ڏسندو اسلام آباد ۾ پيش آيل واقعو اسان کي اهو به ياد ڏياري ٿو ته دشمن رڳو ٻاهر نه پر اندروني ڪمزورين ۽ ورهاڱي مان به فائدو وٺي ٿو جڏهن قوم ورهائجي وڃي ٿي، تڏهن انتهاپسند ۽ دهشتگرد آسانيءَ سان پنهنجو ڪم ڪري سگهن ٿا. پاڪستان جي هر شهيد جي قربانيءَ سان هڪ نئون عزم جنم وٺي ٿو اسان جون مائرون اڄ به پنهنجي نوجوان پٽن کي وطن تي قربان ڪرڻ لاءِ فخر محسوس ڪن ٿيون نوجوان اڄ به پاڪ فوج، پوليس ۽ ريسڪيو ۾ پنهنجيون خدمتون نڀائي رهيا آهن ۽ انهن جي اکين ۾ اهو ئي خواب آهي ته "پاڪستان امن جو گهوارو بڻجي" دهشتگردي چاهي ڪيتري به وڏي وڃي پر اها دهشتگردي ڪندڙ ۽ انهن جو ساٿ ڏيندڙ ايترا مضبوط ناهن جو اهي پاڪستان کي ڪمزور ڪري سگهن قوم وٽ هزارين شهيدن جي دعا آهي، ليڪن مائرن جون آهون آهن ۽ ڪروڙين ماڻهن

آرٽيفيشل انٽيليجنس جو رت جو سفر!

غلام فاروق

آئي انساني ذهانت کان به اڳتي نڪري ويندو، نه رڳو خاص ڪمن لاءِ پر سموري شعبن ۾ سيکارڻ، سمجهڻ ۽ فيصلا ڪرڻ ماهرن جي رپورٽ موجب 90 سيڪڙو امڪان سان 2050ع تائين موجود Quantum Computing سان ڳڻ حساب ڪتاب جي طاقت 30 هزار سيڪڙو وڌي ويندي. صحت، موسم اڳڪٿي، مواد جوڙائيءَ ۾ انقلاب، اي-آئي نه رڳو پيش گوئيون ڪندو پر حقيقي وقت ۾ حل پڻ ٻڌائيندو 2029ع تائين اي جي آئي موجوده ترقيءَ سان ملي 2050ع تائين سموري صنعتن کي تبديل ڪري ڇڏيندو. شهرن کي سمارٽ ناهيندو، ٽريفڪ کي ختم ڪندو. اي آئي پاورڊ ٽريفڪ سسٽم ٽريفڪ جام کي 80 سيڪڙو گهٽائيندو. نانو ٽيڪنالاجي ۽ بايو ٽيڪ سان ميڊجيڪوڪروني انساني جسم کي اندروني طور تي مڪينيائيزڊ ناهيندو، نينو بوٽس بيماريون ختم ڪندو پر Quantum AI encryption کي ٽوڙيندو سائيبر سيڪيورٽيءَ لاءِ وڏو چئلينج 2050ع جو اي-آئي سماجي انقلاب آڻيندو ويندو. انساني صلاحيتن جون حدون متجي وينديون پر عالمي پاليسين جي ضرورت پيدا ٿيندي ۽ صحت ۾ انقلاب شخصي نهرايل علاج ڪان وٺي ڊگهي عمر تائين اي آئي آمريڪي صحت واري خرچ کي ٽريلينز ڊالر بچائيندو. ذاتي اي-آئي ڊاڪٽر جينوم سيڪوئينس جاچيندو رت جي دٻاءُ، سمهڻ، ورزش مونيٽر ڪندو. بيماريون پيش ڪرڻ کان اڳ روڪيندو. پرسنلائزڊ ميڊيسن انقلابي، جيئن ماحول، طرز زندگيءَ تي ٻڌل علاج، ڪينسر ختم، روبوٽڪ سرجريون 95 سيڪڙو ڪامياب ٿينديون. 2050ع تائين عام نينو بوٽس سان جسم جي اندروني مرمت اي آئي ڊائگنوسٽڪس بيماريون 90 سيڪڙو جلدي پڪڙيندو ٽيلي ميڊيسن ٻهراڙين علائقن رسائي حاصل ڪري جينومل تبديليون آڻيندو ۽ اخلاقي سوال آٿارينديون ڊيرائٽر بيبين صحت وارا خرچ گهٽجندا. انسانن جي مجموعي عمر جو تناسب 1.5 سئو سال تائين وڌي ويندو آباديءَ ۾ واڌ جا مسئلا پيدا ٿيندا.

